

انسان ۽ انسانيت

وتيو گجواڻي

G-J (68)
Uttam. S. Nagpal

000061

ساگر پبليڪيشن جو نئون ڪتاب

”انسان ۽ انسانيت“

ليکڪ:- شري وڌيارام بخشومل گجواڻي

INSAN AIN INSANIYAT

Writter : Vadhyaram B. Gajwani

Publisher : Sagar Publication

Bk. No. 1302, Room No. 10,

Ulhasnagar 421004.

Price 20/- Year 1992

پوتر يادگيري

ارپڻ ڪريان ٿو هي ڪتاب ” انسان ۽ اسلام “
پنهنجي پوڄ پتا صاحب ۽ ماتا جي آتمائن کي

سرڳواسي پتا
لڇومل ليلارام گجواڻي

سرڳواسڻ ماتا
لڪشمي لڇومل گجواڻي

اي سرشٽي جا اپائيندڙ سائين
سڀ ۾ پاڻ سمايل آهين
هر ڪنهن جو آهين همراز
تو سواءِ نه آهي ڪو يار.

سڀ کي تو هلائين
آهين سڀني جو سهارو
تون ئي آهين منهنجو مالڪ
پتا صاحب ماتا صاحب پڻ
پهچائين

وڏي جي اها آهي
التجا تو در سائين.

ٻہ اکر

"انسان ۽ انسانيت" جي باري ۾ لکڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي. هن ڪم کي کڻڻ ۽ پڄاڻيءَ تائين نباهڻ اڃا بہ ڪٺن ڪم آهي. انسان هن جڳ ۾ سڀني ساهوارن کان اُتم پراڻي آهي. ايشور انسان کي ڪم ڪرڻ جي شڪتي، ڳالهائڻ جي شڪتي، سوچ جي شڪتي مهر ڪئي آهي. جنهن سان هن ايشور جي پيار ڌرتيءَ ۾ پنهنجين شڪتين سان سورڳ پيدا ڪيو آهي ۽ انسان کي دنيا جي ٻين انسان سان ملائي ڇڏيو آهي. سڄي دنيا و پنهنجو ڪري هڪ گهر ٺاهي ڇڏيو آهي. پر ان هوندي بہ انسان جي من ۾ ڦيرو ۽ دلين ۾ بہ ڦيرو اڃا آنٽو آهي. انسان هن جهان ۾ خودغرض بہ آهي. هي پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب لاءِ ڇا ڇا نٿو ڪري. ڪوڙ، ڪپٽ، خون کان بہ ٻري نٿو رهي. جي ڳالهيون انسانيت تي داغ آهن. پيو سڀ دنيا جا انسان هڪ ايشور جا روپ آهن. صرف هنن جو ڌرم، پوشاڪون ۽ ٻوليون علحديون آهن. ڪي امير آهن تہ ڪي مسڪين آهن. پر آهن سڀ انسان ۽ انساني ڀائر ۽ ڀيڻرون. انسان جي انسانيت ان ۾ آهي تہ هي سڀني تي ديا ڪري. پوءِ چاهي انسان هجن يا پسون هجن. سڀني جي سکن ۽ دکن ۾ پاڻ کي ونڊي ورڇي.

١-	انسان ۽ انسانيت	١ کان ٣
٢-	سورداسن تي ديا ڪرڻ گهرجي	٤ کان ٧
٣-	ماس کائيندڙ انسان	٧ کان ١٢
٤-	ٻئي جو حق ڇنڻ	١٢ کان ١٦
٥-	دل ڪر درخت جي دستور	١٧ کان ٢٠
٦-	محنت جو پسو	٢١ کان ٢٨
٧-	حرام جو کائيندڙ	٢٨ کان ٣٢
٨-	ٻين جي ڀلائي	٣٢ کان ٣٧
٩-	انسان جو امتحان	٣٨ کان ٤٢
١٠-	چور ۽ انسان	٤٢ کان ٤٧
١١-	سوچي سمجهي اکر ڪڍ	٤٧ کان ٥٠
١٢-	غريبن تي رحم	٥١ کان ٥٥
١٣-	دان ڏجي هڪ هٿ	٥٥ کان ٦٠
١٤-	پسو ۽ انسان	٦٠ کان ٦٥
١٥-	خولي انسان	٦٥ کان ٧٠
١٦-	محنتي موج ماڻي ٿو	٧٠ کان ٧٤
١٧-	ڪوڙ ۽ سچ	٧٤ کان ٧٨
١٨-	گگدامن تي ديا	٧٨ کان ٨٢
١٩-	خواهشن کي گهٽايو	٨٣ کان ٨٦
٢٠-	دک سک ڪرمن جو ڦل	٨٧ کان ٩٠
٢١-	انسان جي دولت	٩١ کان ٩٥
٢٢-	دوکيباز کان خبردار	٩٥ کان ٩٩
٢٣-	خوشامد ڪندڙ	١٠٠ کان ١٠٤
٢٤-	محنت جي ڪاميابي	١٠٥ کان ١٠٩

卐 ॐ

ديوي ماتا، سرسوتي ماتا، لڪشمي ماتا،
سنتوشي ماتا مهر ڪريو

انسان ۽ انسانيت

هن جهان جو رچيندڙ پرماتما آهي، جنهن هن سرشٽيءَ ۾ ڪروڙين انسانن کي جنم ڏيئي، هر ڪنهن کي پنهنجو ڪرتويه ڪرڻ لاءِ هت موڪليو آهي. هن پرماتما جي شڪتي اپار آهي، جنهن جو ورڻن ڪير به نٿو ڪري سگهي. هن ان سرشٽيءَ ۾ ڪروڙين انسانن کي هت جنم ڏيئي موڪليو آهي، پر ڏسو ته سڀني انسانن جي شڪل، وهنوار، ڳالهائڻ ۽ ڪم هڪجهڙا نه آهن. سڀني ۾ هن آتما نرالي وڌي آهي، جنهن دواران هو پنهنجو ڪرتويه هت ڪري وڃن ٿا. جيئن فلم ۾ اداڪار پنهنجو پارٽ پورو ڪري ويندو آهي، تيئن انسان به هن جهان ۾ پنهنجو سونپيل ڪم ڪري زندگيءَ جو سفر پورو ڪري وڃن. اهڙي نموني هڪڙا انسان وڃن ٿا ۽ بيا اچن ٿا. پرماتما اهڙي نموني انسان ذات جو چڪر چالو ڪري ونئو آهي. هن پرماتما وٽ انسان ڪاسواءِ مرون ۽ سڀني ساهه وارن جو جنم سرشٽو موجود آهي. جنهن نموني اهي پراڻيون به انسان وانگر پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪن ٿيون. هڪڙيون پراڻيون اچن ٿيون، سي پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪري

انسان هن جهان ۾ عيش عشرت لاءِ نه آيو آهي، پر هن کي ايشور هن جهان ۾ ٻين دکين جي سيوا لاءِ ئي موڪليو آهي. پنهنجي لاءِ ته هرڪو جيئي ٿو، پر جيڪو ٻين جي لاءِ جيئي ٿو، سو مهان آهي. اسانکي ڳڳدامن، پسن ۽ جانورن جي به پرگهور لهڻي آهي. انهن جي جيون ۾ به رنگت آڻڻي آهي. پر اڄڪله انسان پسن ۽ جانورن جو گوشت کائي، پاڻ کي داغ لڳائي رهيو آهي. ايشور هر ڪنهن کي ساهه ڏنو آهي. اسان ڪير آهيون جو ٻئي جو ساهه ڪڍون. اسانجو ڪير ساهه ڪڍي ته پوءِ خبر پوندي ته ٻئي جي حياتي ڪيتري نه پياري آهي. هن جهان ۾ اهنسا ئي هلڻ ۾ مزو آهي، خوشي آهي. انسان ڪجهه سوچيو ۽ انسانيت جو پيغام دنيا جي هر ڪنڊ ۾ پهچايو ۽ مانوَ جيون اُتم بڻايو.

مان معافي طلبگار آهيان، جيڪڏهن ڪا ڪٿي ڀل چوڪ ٿي هجي.

مان شڪرگذار آهيان گيتا پرِيس سنڌونگر ۳ جي مالڪ شري ماڌوداس اُڇڙا جو، جنهن ڪتاب کي درست ڪري، چارچنڊ لڳائي، توهان وٽ پهچائڻ ۾ سهڪار ڏنو آهي.

وڏيو گجواڻي

ڪم ڪرڻ جا عضوا، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جا حواس ٻہ ساڳيا ڏنا آهن. ڪن تمام ٿورن ڪالسواءِ ٻين سڀني کي ساڳيا حق ڏنا آهن. انسان ذات پنهنجي غلطيءَ يا مجبوريءَ سبب قدرت مان فائدا نہ حاصل ڪري پاڻ کي دکي ڪيو آهي. جن انسانن ان قدرت کي سمجهي ان مان فائدو ورتو آهي، سي هن جهان ۾ سکي ۽ آباد آهن ۽ انهن جو نالو روشن آهي.

انسان هن جهان ۾ پنهنجي ڪٽنب اندر جنم وٺي ٿو ان ڪٽنب جي حالتن جو اثر هن تي گهڻو رهي ٿو. ان ڪٽنب جي حالتن هيٺ هي وڌي ٿو. ودوان بڻجي ٿو. نوڪري يا ڌنڌو ڪري ٿو. ڪٽنب جي حالتن جي اثر هيٺ هي اسڪول ۾ ٿو وڃي، ودوان ٿو بڻجي، پر پنهنجي آجيوڪا لاءِ ڪو رستو ڳولهي پنهنجي زندگيءَ جي بهتريءَ کي هن مهاساگر مان پار پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪي اڻپڙهيل انسان ڪٽنب جي غريبيءَ سبب تعليم نہ وٺي، ڪو هنر سکي، جيئن سکي رکن ٿا نہ. ڪي وري زندگيءَ کي موڙي آوارا، فالتو، داداگير ٿي پنهنجي زندگيءَ جي آجيوڪا ڪڍن ٿا. ڪي وري پنهنجي عزت کي ڏسي زندگيءَ کي برباد ڪن ٿا ۽ پٺتي رهجي وڃن ٿا. ڪي زندگيءَ جي مشڪلاتن کي منهن ڏيئي پار پون ٿا ۽ پنهنجي زندگي سڦلي بڻائين ٿا.

وري ڄيون پراڻيون اڇن ٿيون. انهن جي جنم موت
جو چڪر لڳو پيو انسان جي سرشتي وانگر آهي. قدرت
جو حساب ڪتاب به ان پرماتما رچيو آهي. هن ڌرتيءَ
تي مهاساگر، نديون، جهرڻا، ڍنڍون ۽ ٻوٽن جي جهرمر
لڳي پيئي آهي. ڪٿي نه وڻن جي ساوڪ، جهنگل
ٻيلا پڻ ميسر ڪيا آهن. ڪٿي ڌرتيءَ تي وري بيابان،
سڀ پڻ ميسر رکي آهي. پرماتما هن جهان ۾ انسان،
ساهه وارن پراڻيون ۽ ٻي جان قدرتي نظارا، انڪانسواءِ
جل، اگني، هوا جون نعمتون. آڪاش ۾ سڀ
تارا، چنڊ ۽ گره وغيره جي رونق بخشي آهي. جنهن
دواران انسان ذات جي لاءِ سک ۽ سهنج ميسر ڪيا آهن.
انهن کانسواءِ انسان ذات جي زندگي سڄي ۽ ايوڳي
ٿي. جيئن سڪل وڻ جي حالت ٿيندي آهي. هن جهان
جي رچيندڙ جي شڪتي اپار آهي. جنهن پنهنجي
شڪتيءَ سان هي جهان رچيو آهي. ڪروڙين انسان
کي جنم ڏيئي هر ڪنهن جو ڪرتوبه ٻان ٻان رکيو آهي
۽ هر ڪنهن کي ڪرم انوسار انو، لٽو، اجهو بخشيو آهي.
انڪانسواءِ ان پرماتما جي وڏي نعمت انسان ذات ۽
سڀني ساهه وارن پراڻين لاءِ اها آهي جو انهن لاءِ قدرت
جو خزانو پهاڙ، جهنگل، سمنڊ، نديون، بيابان سڀ سک
ساڌيا رکيا آهن ۽ ڪنهن به انسان ذات ۽ پراڻيءَ سان
انياءُ نه ڪيو آهي. هن شڪتيوان سڀني کي سمجهه

۽ ضروري آهن. پنهنجي پنهنجي جڳهه تي ٺيڪ آهن.
سورداس ويچارو هن جهان ۾ بيوس اٽڪي پوي ٿو.
هن کي محتاج ٿيڻو پوي ٿو ۽ پنهنجي زندگيءَ کي هر
وقت طوفان مان پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽
ٻين جي رحم تي هلي چلي ٿو. هن جي زندگي جڻ زهر
مثال آهي. زندگيءَ جي ٻيڙي هن جي هميشه ساگر جي
ڪُن ۾ رهي ٿي. هن جا ڀائي ۽ هن کان بيزار رهن
ٿا. هي ويچارو موت سان زندگي ڪاٽي ٿو. مان هڪ
سورداس ڏسندو هوس. هو ويچارو امبرنات کان
الهاسنگر نوڪري ڪرڻ ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن
کي رستو پار ڪرائيندو هوس. هن دفعي مان هن کان
پڇيو ته ڀائي، تون گاڏيءَ رستي امبرنات کان هت
ڇو اچي رهيو آهين. ٻيو ته تون هر روز ريلوي لائين
ڪيئن پار ڪندو آهين. هن نمرتا سان چيو مجبوري
آهي. مان سمجهي ويس ته اڄڪلهه مهانگائيءَ ۾ سڄا
انسان به پاڳل ٿي ويا آهن ته هن جو ڪهڙو قصور. ٻيو
چيائين ته ڀائي، ريلوي لائين ڪو سڄڻ پار ڪرائيندو
آهي. ڪڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيٺو هوندو آهيان ته
ڪو سڄڻ ريلوي لائين پار ڪرائي. هن جي مجبوريءَ
کي ڏسڻ کپي ته ڪيئن ويچارو گاڏيءَ مان لهي ٿو ۽
ڪيئن چڙهي ٿو. اڄڪلهه گاڏين جي رش اهڙي آهي
جڻ ته اسٽيشن تي هر روز ميلو لڳو پيو آهي. سرڪار

卐 ॐ

ديوي ماتا، سرسوتي ماتا، لڪشمي ماتا،
سنتوشي ماتا مهر ڪريو

سورداسن تي ديا ڪرڻ گهرجي

هن جهان ۾ سڀ انسان پورالما درست نه پيدا ڪيا آهن. ڪي انسان اهڙا به آهن، جن کي ڪو داغ لڳل آهي. جيئن وڻ ۾ سڀ ميوا سٺا نه هوندا آهن، پر ڪي داغي به هوندا آهن. اهڙي نموني ڪي انسان به اپنگ آهن. سڀ ڏنڊيون سميت سان نه ملنديون آهن. ڪي وچاڙيون وچ ۾ سڪي ويندڙيون آهن، پر آهن ته اهي به ڏنڊيون نه. جهان ۾ ڪي انسان سورداس، ڪي لنگڙا، ڪي پاڳل، ڪي چريا ته ڪي لولا لنگڙا وغيره آهن. انهن جي زندگيءَ کي به غور سان جاچڻ گهرجي. انهن جي وڪاس ۽ بهبوديءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ انسان ذات جو پهريون فرض ۽ ڌرم آهي. انهن جي خوشحاليءَ جي ڪا رمز ڪڍڻ کپي. اچو هڪ سورداس جو قصو ڪٿون ٿا.

سورداس يعني نابين هن جي زندگيءَ جو ٻارڪيءَ سان اڀياس ڪريو. هن جي لاءِ هيءَ روشن دنيا به اندهرو آهي. چوڏس جو چنڊ به جڻ اماس اٿس. هي به انسان آهي. هن کي قدرت اهڙي ڪهڙي سزا ڇو ڏني آهي. شايد هن جا ڪرم اهڙا آهن، جنهن موجب هن کي اها جوڻ ملي آهي. انسان لاءِ شرير جا سڀ عضوا ڪارائتا

اهڙي نموني اتهاس جا ورق ورائي ڏسنداسين ته اسان کي معلوم ٿيندو ته سورداس ٻه هڪ ڪوي هو جنهن جا گيت اڄ به هن جهان ۾ امر آهن. اسانجو سنت سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڏسو. هن جي واڻيءَ ۾ سچائي آهي. ان سبب اڄ اهي مهان سنت پوڄيا آهن. پر ڇا ته هجي. اسانجو فرض آهي ته هنن سورداسن جي شيوا تن من سان ڪريون ؟ هنن جــي جيون ۾ خوشي ڀريون، ڇو جــو هنن جي خوشين ۾ اسانجـي خوشي سمايل آهي.

卐 ॐ

ديوي ماتا، سرسوتي ماتا، لڪشمي ماتا،
سنتوشي ماتا مهر ڪريو

مــاس ڪائيبنڊز انســان

وشنو انسان جو پارٽ

انسان جي زندگي اي بقا آهي. ڪنهن به انسان جو گهر هٽي هميشه لاءِ نه آهي. وقت بادشاهه آهي، جو پنهنجي رفتار سان اڳتي هلندو رهي ٿو. وقت جــي رفتار سان انسان جي شرير جا روپ به بدلجندا رهن ٿا. ٻارپڻو، جواني، ٻڍاپو وغيره، آخر شرير جو انت، موت آهي. انسان واريءَ جي ڏڙي تي محل ٺاهيو آهي، جو ڪنهن به مهل به ڪري سگهي ٿو. جنهن

ٻه چار ڪري! ديش جي آدمشماري ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي ٿي. پر وسيلا اهڙا ڪين ٿا وڌن. اهڙي حالتن اسانجي ديش ۾ لکين سورداس آهن. انهن ويچارن جي زندگيءَ جو اسان اندر ۾ جهڙي ڀانءِ احساس ڪريون ته هنن جي زندگي ڪيئن هلندي هوندي. سرڪار سورداسن جي وڪاس ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪي ڪيندر شهرن ۽ ڳوٺن ۾ کوليا آهن. سي تمام ٿورا آهن. جيئن آهي ۾ لوڻ. اسان کي سرڪار تي نه ڏسڻ گهرجي. انهن جي ڀلائيءَ لاءِ اسانجو به فرض آهي ته پنهنجي هوند سارو هنن کي مالي مدد ۽ ٻي ڪا شيوا ڪريون. هنن کي جيتري به مدد ڪجي، اوتري ٿوري آهي. ڇو جو هنن جي زندگي اڳ ئي دک سان ڀريل آهي.

ڪي ڪي سورداس پنهنجي همت ۽ لگن سان اوچ پدويءَ تي به پهتا آهن ۽ ٻين تي بوجو نه بڻيا آهن. انگلينڊ جي هڪ رهواسڻ هيلن، جا سورداس هئي، پر هن همت نه هاري. هن سورداس هوندي به پنهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن لاءِ اسڪول کوليائين. هنن لاءِ ڪتاب ايجاد ڪرايائين ۽ روزگار جا وسيلا پيدا ڪيائين.

ٻيو مثال آهي هندي فلمن جو سنگيتڪار رويندر جين. جنهن پنهنجي سنگيت جي ڪلا سان هندي فلمن ۾ سنگيت ڏيئي پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي.

وقت ڀارت ديش ۾ دنيا جي ٻين ملڪن سلون، برما
ملئيشيا، چين وغيره ۾ به لوڪن جا گرو موڪليا ويندا
هئا، جن به پنهنجن اپديشن ۾ لوڪن کي بار بار سنديش
ڏنو ته اي مهان انسانو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي
ڏسو ته مدش جوٽ ڪيڏي نه مهان آهي. پنهنجي جوٽ
کي شڌ ۾ ٻوڙ رکو. ڪنهن به ساهواري کي نه رنجايو ۽
نه ان جو ماس کائو. صدين کان انهن جو اپديش اڄ به
هن جهان جي وايو منڊل ۾ گونجي رهيو آهي ته ڪنهن
به جيوَ جو ماس کائڻ پاپ آهي. اسانجي ڀارت جا
وڏا مهان سنت ڪبير، گرو نانڪ، راڌاسوامي، سوامي
شانتي پرڪاش، دادا ڄي. ايل. واسواڻي اڄ به اهوئي
پيغام انسان ذات کي ڏين ٿا ته ٻين جيو جو ماس نه کائو.
”جيو هتيا“ پاپ آهي. اها ڳالهه سو سيڪڙو سچي
آهي. اسان ڪنهن به جيوَ کي جياري نٿا سگهون ته
ان کي مارڻ جو ڪهڙو اڌڪار آهي. ڪنهن گدام جيوَ
کي مارڻ سان پنهنجي مٿان مهاپاپ ڍوئي رهيا آهيون.
انسان کي اها زندگي ملي آهي ته پنهنجي آتما کي شڌ
سڌا ڪر ۽ انسان ذات جي سيوا، ڪٽنب جي سيوا
ڪري موڪش پايون ۽ نه ڪنهن گدام جيوَ کي
مارڻ لاءِ.

ڪي انسان ماس کائيندا آهن، اهي چوندا آهن
ته ماس کائڻ سان طاقت ملي ٿي ۽ شرير رشٽ پشٽ

سڪل وڻ جي ٽاري ڪڏهن ٻه ڪري، خبر نه آهي. انسان جو شرير به هڪ سڪل وڻ جي ٽاريءَ وانگر آهي جو ڪڏهن ٻه ڪري، خبر نه آهي. هر ڪنهن انسان لاءِ موت اٽل آهي. اهو ڪنهن کي به نٿو ڇڏي، پوءِ ڪٿي ڪو راجا هجي يا رڪ. ساڌو هجي يا شيطان، سڀني لئي هڪ ڏينهن اهو حملو ڪري ٿو ۽ انهن کي پنهنجي حملي سان برباد (موت) ڏئي ٿو. انڪال پوءِ انسان جي هستيءَ مستي انڌامي وڃي ٿي ۽ هي ڪوڪلو ٿي پوي ٿو. جڻ نه هڪ بي جان جسم، جنهن کي ڪا به هستي ڪونهي. انسان کي خبر به آهي ته هڪ ڏينهن هن جهان مان ڪوچ ڪري وينداسين، تڏهن به هن جهان جي مايا جار، لوڀ، موهه، اهنڪار، ڪروڌ، ۽ ڪام جي جار ۾ ڦاسي پنهنجي زندگيءَ جي ٻيڙيءَ کي وچ ساگر ۾ ٻاڏ ٻوڙي رهيا آهيون. ڪو ورلي گياني پرش انهن وڪارن کان پري ٿي سنسار جي مڇڌار پار لنگهي وڃي ٿو.

ڪيترائي انسان پڻ ساهوارن جانورن ٻڪرين، ٻڪرن، ڪڪڙين، مڇين ۽ سوئرن وغيره جو ماس کائين ٿا. انهن جيون جي آتما کي راجائي پنهنجي حوص پوري ڪن ٿا، سا سٺي ڳالهه نه آهي. ڀارت ورش جي پراڻي اتهاس جي ورقن ڦيرائڻ سان پڙهي سگهجي ٿو ته مهان گيالي گوتم ٻڌ ۽ ورڌمان مهاوير، جي اُن

نه ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه ڪوڙي آهي. هي گاديسريءَ جي گديءَ جي لائق نه آهي. جو گرو ٻين جگدامن جو ماس کائي ٿو، سو ايشور کي ڪيئن پراپت ڪري سگهندو ۽ هن جو درجو ڪهڙو هوندو، سو هي گوتم ٻڌ کان وڃي پڇي. جيڪي گاديسر پاڻ کي سنت ۽ ودوان چوائين ٿا، تن جو پهريون ڪرتويه آهي ته هو ”جيو ديا“ جو اصول اپنائين، نه ٻين جو گوشت کائين. گوشت کائيندڙ گاديسر ۽ سنت نه آهن، پر جانور آهن. جيئن شينهن چيتا وغيره، جي ٻين جو ماس کائيندا آهن.

جيڪو انسان ٻين جو ماس کائي ٿو، اهو ائين سمجهي ٿو ته هي مزو وٺي رهيو آهي. پر هنجو ڪو ماس کائي ته هنکي خبر پوندي ته ڪيئن نه شرير ۾ پيڙا اچي ٿي. ڦٿڪي ڦٿڪي ڪيئن نه پراڻ وڃن ٿا ته خبر پوندس.

هن جهان ۾ پرماتما، انسان ۽ ساهه وارا جيو پيدا ڪيا آهن. انهن کي ٻئي جي جان وٺڻ يا جيئارڻ جو حق پرماتما ڪنهن کي نه ڏنو آهي، نه ڏيندو. اها غضب جي شڪتي هن پاڻ وٽ رکي آهي. اهڙو ڪهڙو انسان آهي جو ٻئي کي جيئاري سگهي. اهڙو مهان پرش هن جهان ۾ ملڻ مشڪل آهي. اسان انسان آهيون. ايشور اسان کي سمجهه، سوچ ۽ وچار ڪرڻ

رهي ٿو، سا ڳالهه بلڪل ڪوڙي آهي. وڳيان اهو ثابت ڪيو آهي ته جيڪي انسان ماس کائين ٿا تن کي ٻاڻ بيمارين چنبڙي پون ٿيون. جيئن ڪنهن مٺي شيءِ تي مکيون چنبڙي پونديون آهن. پر ويشنو انسان رشت پشت ۽ نروڳي رهي ٿو. مثال وٺو اسان جي ديش جا اڳيان سنت ۽ ودوان دنيا ۾ مشهور هئا، جو جو اهي ويشنو هوا. ان سبب انهن جو دماغ پورڻ هو. اسانجي ديش ۾ رام، ڪرشن، گرونانڪ، ڪبير، گوتم مهاوير وغيره جنم ورتو آهي. اهڙا مهاپرش اڄ به سڄي دنيا ۾ پيدا نه ٿيا آهن نه وري ڪو ٿيندا. اسانجو ديش پتا مهاتما گانڌي گوتم بڌ جي اصولن جو پوئلڳ هو. پنهنجي زندگيءَ ۾ اهنسا، سچ ڳالهائڻ ۽ ماس نه ورتائڻ جا مهان اصول قائم رکيا. ان سبب پنهنجو ٿالو امر ڪري ويو. ڪرشڻ ڀڳوان گائين کي ماتا ڪري پوڄيندو هو ۽ انهن جي سيوا پنهنجن هٿن سان ڪندو هو. پر اڄ ظالم ۽ پاپي انسان گانءِ کي پلائي وهنا آهن. جيڪو انسان گدامن جو ماس کائي ٿو سو ڪڏهن به مهان بڻجي نٿو سگهي، پر هڪ ڏينهن هن کي پنهنجي هٿن ڪيل پاپ جي سزا هت ضرور ڏيڻي پوندي. مان هڪ گادهسر ڏنو جو اڳيان جيڙو آهي. هو پاڻ نه ماس کائيندو آهي پر ٻين کي به ماس کائڻ لاءِ هٿائيندو آهي. چوندو آهي ته پنهنجي نسا کي ناراض

صرف موج ۾ رهندا آهيون. هن سنسار ۾ پشيماني گهٽي
اچي ويئي آهي. هرڪو انسان ٻئي جو حق ڇڏڻ ۾
مشغول لڳو پيو آهي. سچا انسان بک مري رهيا آهن.
ڪوڙا انسان موج مستيءَ ۾ مشغول آهن. ڪنهن کي
نه قدرت جو ڀؤ نه آهي، نه ڪنهنجو ڊپ آهي، نه ويڪ
جو ڊپ آهي. اهي انسان اڄ ڄڻ ويڪ وڪڻي آيا
آهن. اهي پئسي جي نشي ۾ سڀ ليڪا لتاڙي رهيا
آهن ۽ هنڌڪي پاپ ۽ پنج جو ڪوبه خيال نه آهي. اهي
انسان پاڻ کي ايشور کان نه گهٽي سمجهن ٿا ۽ ڇو نه ٿا
نه ايشور اسانجي ڪري آهي. هنن کي موت جو
ڊپ يا قدرتي سزا جي ڪا نه پرواهه نه آهي. ڏسو اڄ
جي زماني ۾ هر کيتر ۾ نا انصافيءَ جو راڄ هلي رهيو
آهي. مثال، اسانجي سنڌي اڪاڊميءَ ۾ انهن ليکڪن
۽ شاعرن کي انعام ڏنا وڃن ٿا، جي عام جنتا کان
صفا ڪٽجي ويا آهن. جيئن وڻ مان ٽاري ڪٽجي
ويندي آهي. انعام ڏيندڙن کي نه خبر آهي پر هو
پنهنجي لالچ، ٿوري ڪميشن يا ڪنهن لوڀ وس ٿي
اهڙو ڪنو ڪم ڪن ٿا. سچن ليکڪن ۽ شاعرن جو
حق مارين ٿا. امتحان ۾ ڏسو، اڄ ڊگري امتحان
جي پيپرن ۾ هيرا ڦيريون ٿين ٿيون. وديارٿين لائق
وديارٿين کي پٺتي ڌڪيو وڃي ٿو، اها بي-انصافي
ڪونهي! اڄ ڪلهه هر کيتر ۾ انعام لڳهه نالائقن وارن

جي شڪتي ڏني آهي، جا ايشور شايد مرن ۽ جانورن کي نه ڏني آهي. پوءِ به اسان جيوَ هتيا ڪري پاڻ کي پاپ جو ڀاڱي ڀائيوار بڻائي رهيا آهيون. اڄو اڄ انجام ڪريون ته هن کانپوءِ اسان ماس مڇي نه کائينداسين. پنهنجي زندگيءَ کي پاپ ۾ نه گهلينداسين.

卐 ॐ

ديوي ماتا، سرسوتي ماتا، لڪشمي ماتا،
سنتوشي ماتا مهر ڪريو

ٻئي جو حق کٽڻ پاپ آهي

زندگيءَ ۾ اها ڳالهه دل سان هنڊائڻ گهرجي ته ٻئي جو حق ڪڏهن به نه کٽجي. گرو نانڪ ديو به هڪ هنڌ لکيو آهي ته "حق پرايا جو ڪاوي، اس سوئر اس گانءِ" يعني جو انسان پرائي انسان جو حق کائي ٿو، هندوءَ لاءِ گانءِ جو گوشت کائڻ جي برابر آهي ۽ مسلمان لاءِ سوئر کائڻ جي برابر آهي. اسان کي ڪنهنجو به حق نه کائڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو اسان سان ٺڳي ڪندو آهي ته اسان کي ڪيترو نه ڏک ٿيندو آهي. پر جڏهن اسان ٻين جو حق کائيندا آهيون ته ڪڏهن به اڳلي جي ڏک جو خيال نه ڪندا آهيون.

آهي. اڄڪلهه ناڪامياب ليکڪ مزا ماڻي رهيا آهن.
سچا ليکڪ ڪنڊ ۾ ويهي تماشو ڏسي رهيا آهن. هڪ
دفعي هڪ ماڻهوءَ پنهنجي پٽ جي نوڪريءَ لاءِ
صاحب کي ١٠ هزار ڏنا ۽ نوڪري حاصل ڪئي. اهڙا مثال
لکين هن جهان ۾ ملندا. زندگيءَ جي هر موڙ تي
بي انصافيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌڻ ۾
ملنديون، پر ڪجهه ڪري نٿو سگهجي. ڇو جو اڄ
زمانو چورن جو آهي، سچن جو نه آهي. چورن جي راڄ
۾ سچ جي فرياد ڪير ٻڌندو! پوءِ پوليس هجي يا ٻيو
ڪالو. وري نه شڪر آهي جو اڄڪلهه عدالتي سرشتو
اڃا سچ لي بيٺو آهي. جنهنجي آسري هي ملڪ هلي
رهيو آهي، نه ته ديش جا چور ۽ غدار، پنهنجي ملڪ
کي نه ائي ملڪ کي وڪڻي ڇڏين. آخر اها بي انصافي
ڪڏهن ويندي. ڪڏهن حقدارن کي پنهنجو حق
ملندو! اهو زمانو ڇا نه ايندو! اهو سوال هر گهڙيءَ دل
۾ اچي رهيو آهي. ان جو جواب سرڪار نه آهي، پر
خود انسان آهي. انسان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي
ڏسي ته مان ڪير آهيان. منهنجي هستي ڪهڙي
آهي. منهنجو العام ڪهڙو آهي. جڏهن هنن سوالن جا
جواب ووڪ کان وٺندو ته هن کي ايشور جي قدرت
مان ٻپ ليندو ۽ غلط رستي کان ڪنارو ڪندو. سچ
جي رستي کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو.

ڪي ڏنا وڃن ٿا. پوءِ ڪٿي انهن ۾ لياقت هجي يا نه. سرڪاري ڪالي ۾ اڄ حق جي ڳالهه نه، جٿ اڏامي ويٺي آهي. هت پئسن يا پهچ يا ٻيءَ ڪنهن لالچ تي ڪم هلندا. ڏسو اڄ ٽي. وي.، ريڊيو وغيره تي ڇا آهي. سچا ڪلاڪار آس ۾ سڙن ٿا. نقلي ڪلاڪار موڄ ڪن ٿا ۽ ٻين جو حق ڇڪن ٿا.

اڄ ڪــا به نوڪري، انعام يا سرڪار جــو ڪو وڏو عهدو ڪڇي نه هن کي پئسن، پهچ يا داداگيريءَ جو وسيلو لڳائڻو پوندو، ٻيءَ حالت ۾ ڪامياب ٿيڻ مشڪل آهي. هڪ مثال منهنجي اکين اڳيان تازو ٿري رهيو آهي. هڪ سنڌي ليکڪ کي هند سرڪار ۽ مهاراشٽر سرڪار وٽان گورؤ انعام لک رپين جــو انعام مليو. هي مهاراشٽر اڪيڊميءَ جو وائيس چيئرمين آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي ڀلاءَ لاءِ جيڪو ڪم ڪرڻو هوس، نه ڪيو، پر غلط ليکڪن کي انعام ڏنا ويا. جا ڳالهه سٺي نه آهي. هن پنهنجي ڪرسيءَ جو اجوڳو فائدو وٺي سڀ انعام بمبئي وارن ڪنيان. راڄه جي ٻين شهرن ٿاڻا، الهاسنگر، پونا، ناگپور ۽ ناسڪ جي ليکڪن سان انياءُ ڪيو، جڏهن مهاراشٽر جا ليکڪ فقط بمبئيءَ ۾ رهن ٿا ۽ ٻين هنڌ آهن ئي ڪونه. ڏسو ڪيئن نه هرهڪ پنهنجو حق ڇڪي رهيو آهي. ٻين جي حقن جي پرواهه نه ڪري رهيو آهي. عجيب زمانو

دل ڪر درخت جي دستور

انسان جو سڀاءُ هڪ ڪرو ڪونه آهي. ڪڏهن ڪيئن آهي ته ڪڏهن ڪيئن. جيئن سمنڊ جون لهرون هڪ ڪريون نه آهن. ڪڏهن تيز ته ڪڏهن شانت. اهڙي نموني انسان جو سڀاءُ به ڦري گهري ٿو. ڪڏهن خوش آهي ته ڪڏهن شوخ. ان جو ڪارڻ آهي من جي شڪتي يا سهنشيلتا تي قبضو برابر نه آهي.

اسان جو جڏهن ڪو فائدي جو ڪم ٿيندو آهي ته اسان خوش ٿيندا آهيون. خوشيءَ ۾ اچي ٻين سان به سٺو ورتاءُ ڪندا آهيون. پر جڏهن ڪو ڪم غلط يا ڪو نقصان ٿيندو آهي ته اسان صبر وڃائي آگبولا ٿي ويندا آهيون ۽ پنهنجو غصو ٻين مان ڪڍندا آهيون. پر پنهنجي من تي قبضو نه رکندا آهيون. ان ڪري ڪڏهن اسان کي پڇتائڻو پوندو آهي يا ڀاري نقصان کي سهڻو پوندو آهي. هن جهان ۾ ڪو به پورڻ ڪونهي. هر ڪنهن انسان ۾ ڪا نه ڪا ڪاڻ آهي. انهيءَ ته چيو ويندو آهي ته "انسان خطا جو گهر آهي" انسان کان نه چاهيندي به ڪا خطا ٿي وڃي ٿي. هي سنسار فاني آهي. زندگي هڪ کيل آهي، جو هت هرڪو پنهنجو کيل پورو

پر سوال آهي ته انسان اها ڪوج ڪڏهن ڪندو؟ اڄڪلهه جي زماني ۾ ڪوڙو شان، مان هلي ٿو. هرڪو انسان دنيا ۾ ڌنوان ٿيڻ چاهي ٿو. هرڪو چاهي ٿو ته مولڪي عيش عشرت جا سڀ ساڌن هجن. ڪم نه ڪرڻان. جلد ڪروڙپتي ٿي وڃان. ان لاءِ هو بيئماني، ناحق، ديش غداري، سمگلنگ وغيره ڪرڻ کان به نٿو گسي. پنهنجي دماغ کي شيطاني مشين بڻائي، سڄو ڏينهن هلائي، برائيءَ جا سامان پيدا ڪري ٿو. جنهن مان پنهنجو پلو، ديش ۽ ديشواسين جو وناش پيدا ڪري ٿو. اهي ڳالهيون ٻين جي حقن تي حملو ڪن ٿيون.

اهڙو انسان ڌنوان بڻجي ٿو، پر ڏسڻ ۾ اهو انسان آهي، پر حيوان کان به پري آهي. هن کي نه آرام آهي، نه من جي شانتي، نه انسانيت لاءِ پيار. صرف هن جي زندگي پيسو آهي ۽ غلط ڪم آهن، جي آخر ۾ ڪٿي جي موت والگر مارين ٿا ۽ هستي مٽائي خاڪ ڪن ٿا. ان ڪري سوچيو ته ٻئي جو حق ڪڏهن به نه کٽجي.

ڪري ٿو تہ وڏو هنگامو مچي وڃي ٿو، جو ڪنهن
وقت موت جو روپ بہ وٺي پوي ٿو جا انسان ذات
لاءِ سٺي ڳالهہ نہ آهي.

موں اخبار ۾ هڪ خبر پڙهي تہ هڪ ماڻهو پان جي
دڪان تي ويٺو هو. ٻئي ماڻهوءَ کي صرف غور ڪري
نهاري رهيو هو. ٻئي ماڻهوءَ کي انترو تہ غصو لڳو،
جو هو انسانيت جون سڀ حدون لتاڙي نهاريندڙ
ماڻهوءَ تي تيز هٿيار سان حملو وڃي ڪيائين ۽ وچاري
جي جان ورتائين. اهڙا سماچار اخبارن ۾ ڪيترائي
ايندا رهندا آهن. انسان کي ايشور سمجهہ، بدي،
وچار جهڙيون شڪتيون بخشيون آهن. جيئن پنهنجي
زندگيءَ جو سفر سوچي سمجهي هلائي. نهارڻ سان
ڪنهن تي اهڙو حملو ڇو ڪجي، جيئن ٻئي جي جان
وڃي. ذرا سوچيو: هو بہ ڪنهن جو پٽ هوندو.
ڪنهنجو مڙس هوندو يا ڪنهنجو پيءُ هوندو. انهن
جي مائٽن جو ڪهڙو حال ٿيندو. اهو ڪڏهن ڪنهن
سوچيو آهي. هن کي مارڻ سان ڇا هن کي سرڳ
ملندو؟ نہ. پاڻ اهو پنهنجي لاءِ نرڪ وڃڻ جو رستو
تيار ڪري ٿو. سرڪار ۽ پنهنجي گهر ۽ سماج تي
بوجو وجهي ٿو. ديش پتا مهاتما گانڌي اهنسا ۾
وشواس ڪندو هو. هو ڪڏهن بہ ٻئي انسان يا جيو
کي دک نہ پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هو انهن

ڪري هن دنيا مان ڪُوچ ڪري ويندو. هت صرف انسان جي نيڪي ۽ بدي رهندي. نه شان ۽ نه دولت رهندس. اسانجي شرير جو محلات واريءَ جي هڪ ڍير تي اڏيل آهي، جو ڪنهن به مهل ڪري سگهي ٿو. تنهن جي خبر ڪنهن کي به نه آهي. اسان کي قدرت مان سبق سکڻ کپي. مثال وٺو- قدرت جو هڪ انگ وڻ. ڏسو وڻ انسان ذات کي ڇانوَ، ڦل ڦول، ميوا ۽ ڪاٺيون ڏئي ٿو. ويچارو واپس ڪجهه به نٿو وٺي. هميشه انسان ذات جي سيوا ڪندو رهي ٿو. شايد هن جو جنم ئي ٻين جي سيوا ڪرڻ لاءِ ٿيو آهي.

وڻ کي اسان ڪٽيندا آهيون يا ان جون ٽاريون ڀڃيندا آهيون، تڏهن به هي ويچارو ڪا به شڪايت نه ڪندو آهي. چپ چاپ انسان جا گهاتڪ وار سهندو آهي. ايترو نه ٿيو، پر هي ويچارو پنهنجي دشمن سان به دشمني نه رکندو آهي. توهان ڏسو نه ناگ کي مارڻ سان ان جا ٻيا مائٽ ڪيئن نه دشمني رکندا ۽ مارڻ واري کان بدلو وٺندا آهن. پر وڻ ويچارو خاموش آهي، جنهن کي دشمني اکر جي به خبر ڪانهي. هن لاءِ دوست دشمن ٻئي هڪجهڙا آهن. سڀني کي هڪ جهڙيون سيوائون وردان ڪري ٿو.

ٻئي پاسي انسان ڏسو ته ڪيڏو نه ڪريل آهي. جڏهن ڪو انسان ٻئي انسان کي گار گند يا مارڪٽ

محنت جو پئسو برڪت وارو، رشوت جو پئسو حرام

هن دنيا ۾ هرڪو شاهوڪار ٿيڻ ٿو چاهي. لکاپتي ڪروڙپتي ٿيڻ ٿو چاهي، ارب پتي ٿيڻ ٿو چاهي. ارب پتيءَ کان به مٿي ٿيڻ ٿو چاهي. انسان جو پيٽ ڀرڻ جو نه آهي. پئسي جي اهڙي ترشنا آهي جو ڪڏهن انسان جو پيٽ ڀرجڻو ناهي. اهو سون جي مرگهه ترشنا وانگر آهي، جو ريتيءَ کي پاڻي سمجهي پيو ڊڪي. پئسو زندگيءَ ۾ ضروري آهي پر زندگيءَ کان مٿي پئسو ناهي. مورک انسان اها ڳالهه نٿا سمجهن ۽ چوويهه ڪلاڪ ئي پئسي جي لالس ڪن ٿا. ان سبب هنن جو شرير ڍهي پوي ٿو ۽ اهي وقت کان اڳ پرلوڪ پهچي وڃن ٿا. اها ڳالهه به سچي آهي ته پئسي سان انسان ڪي قدر پنهنجي زندگيءَ ۾ ڀاري آڻي سگهي ٿو، پر هميشه لاءِ نه. اڄ جي زماني ۾ انسان لاءِ پئسو ڀڳوان کان به شايد مٿي آهي. اهي انسان پئسي کي هٿ ڪرڻ لاءِ خراب ۾ ڪم، ديش سان ٺڳي، سمگلنگ، انسان جو گلو گهوٽي ته پئسو هٿ ڪن ٿا. پئسي هٿ ڪرڻ ۾ اهي ايشور کي به پري ڪن ٿا.

۽ چولدو هو ته ڪو هڪ ڳل تي چماٽ هڻي ته اُن
کي ائين چئجي ته ٻئي ڳل تي به هڻ. ائين ڪرڻ سان
اڳلو پاڻهي شرمسار ٿيندو. پر اڄڪلهه انسان مان
صبر، اهنسا ۽ سهنشيلتا ڏاڍي موڪلائي رهيون
آهن. ان سبب سماج، ديش، ڪٽنب ۽ دنيا ۾ فساد،
جهڳڙن ۽ موتن منهن ڪڍيو آهي جو هن جهان ۾ انسان
ذات تي داغ آهن. جن کي هٽائڻ هرهڪ انسان جو
فرض آهي.

اسان کي پنهنجي شرير کي وڻ وانگر بڻائڻ جو
يتن ڪرڻ گهرجي. جيئن وڻ پنهنجي زندگيءَ ۾
پراپڪار جو ڪم ڪري اَمر آهي ۽ ڪنهن سان به
دشمني نٿو ڪري. ائين اسان کي به انسان ذات جي
وڪاس لاءِ پنهنجي جيون کي بڻائڻ گهرجي ۽ ڪنهن
به انسان سان دشمني نه رکجي ۽ سڀني سان پيار ۽
اُلفت سان هلجي. ڇو جو هر انسان ۾ ان ايشور جو
روپ سمايل آهي. جيڪو مون ۾ به آهي. سڀ انسان
ذات هڪ آهي. انهن جي ڀلائيءَ ۾ منهنجي ڀلائي
سمايل آهي. پنهنجي زندگيءَ کي ان قدرت جي وڻ
وانگر اَمر بڻايو.

ڪمائي، سو پئسو حق حلال جو نہ آهي. يعني حرام
جو پئسو آهي. اهو پئسو گهر ۾ خوشحالي آڻي ٿو،
پر ٿوري وقت لاءِ. آخر اهو پئسو گهر کي آهستي
آهستي تباهہ ڪري ٿو، ڇو جو اهو پئسو پاڻ سان گڏ
عيش عشرت، شراب ۽ ٻيون ڪڌيون رسمون بہ گڏ
آڻي ٿو. جنهن سان گهر برباد ٿئي ٿو. ڳالهہ ڪندا
آهن تہ گرو نانڪ ديو صاحب رٽن ڪندو هڪ ڳوٺ ۾
آيو. ان ڳوٺ ۾ هڪ غريب لالو واڍو رهندو هو جو
گروجن جو پيارو ڀڳت هو. هن گروجن کي پنهنجي
گهر ۾ پير گهمائڻ لاءِ چيو ۽ هن گروجن جي روٽي بہ
موڪلائي. گروجن پنهنجي پياري ڀڳت جي اتري
شردا ڏسي ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ هن جي دعوت قبول
ڪئي. ٿوري دير ڪانپوءِ ان ڳوٺ جو شاهوڪار گروجن
وٽ آيو ۽ گروجن کي روٽيءَ جي ليئي ڏني. گروجن
هن جي بہ قبول ڪئي، ڇو جو گياني ماڻهو امير ۽
غريب انسان کي نہ ڏسندا آهن، پر انسان کي ڏسندا
آهن. گروجن روٽي کائڻ لاءِ پنهنجي ششن بالي ۽
مرداني سان گڏ لالو واڍي جي گهر ويا. ان جي
روٽيءَ کي نپوڙيو تہ ان مان کير وهڻ لڳو. جنهن
مان هن ششن کي سمجهائي ڏني تہ غريب لالو واڍي
جي ڪمائي سچ جي ڪمائي آهي. ان سبب هن
جي روٽي بہ سچي، حقدار آهي، جا برڪت واري

انسان پنهنجي زندگيءَ جي ٻيڙي هلائڻ ۽ پنهنجي
ڪٽنب کي سکيو ستابو رکڻ لاءِ محنت، نوڪري يا
مزوري ڪن ٿا. پـر ڪي ويچارا، آس ۾ سڙي ڦيري
ڪن ٿا. ڪي برسات ۾ ٻه ڦيري ڪن ٿا ۽ پنهنجي
زندگيءَ ۾ پئسو آڻي پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي
ڪشتيءَ کي هلائين ٿا. اها ڇوٽي سچي آهي ته جڏهن
ايشور انسان کي ساس ڏنو آهي، تڏهن انسان لاءِ کاڌو
ٻه ميسر ڪيو آهي. قدرت وڏي آهي ۽ هرهڪ انسان
جو خيال رکي ٿي. ايشور انسان کي سمجهه، ويچار،
محنت ڪرڻ لاءِ ٻه هٿ ڏنا آهن. جڏهن سان هرڪو
انسان آسانيءَ سان پنهنجي آجيوڪا ڪڍي سگهي
ٿو. پوءِ گهٽ يا وڌ. ڇو جو گوتم ٻڌ ٻـه پنهنجي
اُپديش ۾ لکيو آهي ته انسان کي ڪرمن جو ڦل ملي
ٿو. ان مطابق ايشور انسان جو چڪر جوڙيو آهي ۽
هن دنيا ۾ ڪي غريب، ڪي پورا سارا ۽ ڪي
شاهوڪار آهن. ايشور جي مهما مهان آهي. جنهنجي
ڳجهه ۾ ڪهڙ ٻه نٿو وڃي سگهي. جيڻن ڪير ٻه سچ
وقت ڀيٽي نٿو سگهي. محنت مزوريءَ سان پئسو ناهڻ
ثواب جو ڪم آهي. اهو خون جو پئسو آهي جيڪو
انسان کي خوشي ۽ برڪت عطا ڪري ٿو. ان پئسي
سان گهر ۾ خوشحالي اچي ٿي. سماج ۾ عزت وڌي ٿي.
پر جيڪو پئسو انسان محنت، مزوريءَ سان نٿو

ڀرشٽاچار جو بولا ٻالا آهي. اڄ جي جڳ ۾ ڪنهن کي
نه ڄڻ عزت جي پرواهه نه آهي. پرواهه آهي ته پئسي
جي. پئسي کي ڀڳوان سمجهي هر روز هن جي پوڄا
ڪن ٿا، نه ڪنهن ڀڳوان جي. اڄ جي زماني ۾ انسان
انسانيت کي لتو ڏسي. نه وري ڪو انسانيت کي عزت
ٿو ڏئي. هن کي پئسو کپي. توهان ڏسو ته سماج ۾ ڪو
غريب حق اي ڪمائيندڙ انسان هوندو، اُن جي عزت
اڄ ڪيتري آهي. اڄ جي راڄنيتيءَ ۾ اوڪر شاهي
چاهي خانگي فرمن ۾ هر هنڌ ڀرشٽاچار جون ڀاڙون
ڀڃڻيون ٿي ويئون آهن. راڄنيتيءَ ۾ اڄ پئسن سان
يعني ڊونيشن سان ٽڪيٽ ملي ٿي. ڪاليجن ۾،
نوڪرين ۾ داخلا وٺڻ لاءِ نقد نارائڻ ڏيڻ سان پلو ٿئي
ٿو. سچا اميدوار ويچارا هوائون ٿا ڪائين. اڄ شادين ۾
واپار هلي ٿو. ڇوڪرن جا اگهه آهن. انجنيئر، وڪيل،
آفيسر، ڪلارڪ ۽ ڏنڌي وارن جا الڳ الڳ اگهه آهن.
انهن اگهن ۾ غريب ڪيئن هلن. ان سبب اهي به غلط
رستي لي اچي ٿا ليهن ۽ پئسو گڏ ڪن ٿا. اها چوڻي
آهي ته "جهڙو راڄا، تهڙي پرڄا". اڄ ملڪ اندر
لوڪشاهي راڄ آهي. ديش جي پدا ڌڪارين، پرڌان
منترين ۽ منترين لي به ٻوفرس سودي ۾ رشوت جو
الزام ديش جي پارليامينٽ ۾ هلي ٿو. جي ديش جا
اُها اڳين ديش کي لٽيندا ته ديشواسين جو ڪهڙو ڏوهه.

آهي. گروجن پنهنجن ششن سان هن جي گهران روٽي
کائي، هن کي آسيس ڪري ويا ته تون هميشه سکي
رهندين. ٻئي پاسي گروجن جڏهن ڳوٺ جي شاهوڪار
وٽ پنهنجن ششن ڀائي ۽ مرداڻي سان گڏ ويا ۽
شاهوڪار هنن جي اڳيان روٽي آڻي حاضر ڪئي.
گرو نانڪ روٽيءَ کي نپوڙيو ته ان مان خون وهڻ لڳو.
تڏهن ٻي هن پنهنجن ششن کي سمجهائيندي چيو ته
پيارا، هن شاهوڪار جي ڪمائي پاپ جي آهي.
غريبن کي پيڙي هي شاهوڪار ٿي پيو آهي. ان سبب
هن جي روٽيءَ مان خون وهي رهيو آهي. اها روٽي،
نه برڪت واري آهي نه حق جي آهي. انسان کي
کائڻ نه جڳائي. گروجن ۽ سندس شش اُتي هلي ويا.
سچا گياني، سچا انسان ۽ ديش ڀڳت پئسي کي اهڙو
مان نٿا ڏين. اهي سمجهن ٿا ته هن دنيا ۾ پئسو نه
سڀ ڪجهه ڪونهي ۽ پئسي سان سڀ ڪجهه خريد
نٿو ڪري سگهجي. سچا انسان پنهنجن اصولن لئي
هلن ٿا ۽ هنن کي پنهنجي اپائيندڙ جو ڊپ رهي ٿو.
ان سبب هو ڪڏهن به غلط پٽي ڏانهن منهن نٿا
موڙين. ڀل هن سنسار ۾ عزت، مان نه ملي، اهڙي قدر
جو جان به هلي وڃي ته هنن کي پرواهه نه آهي.

پر اهڙا ماڻهو هن جهان ۾ آڱرين لئي ڳڻڻ جيترا
ملندا. اڄ اسانجي ديش ۾ نه ڇا پر سڄيءَ دنيا ۾

ملڪن کان گهٽ ڇو آهي. ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ جواب صاف آهي. ديش اندر ڀرشٽاچار جو ڀوت وڌي ويو آهي. اهو هر ڪنهن ۾ لڳي ويو آهي. ان سبب ديش جو وڪاس، انسان جي بهبودي روڪجي وئي آهي. ديش اندر مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي.

ديش اندر اڄ به ٨٠ سيڪڙو غريبي آهي. باقي ٢٠ ٽڪا شاهوڪاري آهي. انهن ۾ به ڪجهه سيڪڙو، سچائيءَ سان شاهوڪاري حاصل ڪئي آهي، باقي ٻين ابتا سبتا ڪم ڪري حاصل ڪئي آهي.

جيستائين ديش اندر سرڪار سچائيءَ سان رشوت جي پاڙ نه پٽيندي، تيستائين ملڪ ۾ خوشحالي نه ايندي. ديشواسين کي ديش لاءِ پيار هئڻ گهرجي ۽ محنت سان ڪمائي حاصل ڪرڻ گهرجي. جيڪي انسان غير واجبي نموني پيسا ٺاهين ٿا، تن کي سخت سزائون ملڻ گهرجن. پوءِ ڇو نه عام رواجي ماڻهو هجي يا وزير، سزا ٻنهي کي هڪ ڪري هئڻ گهرجي. اڄ اخبار ۾ پڙهيم ته اوڙيسا جي اڳوڻن مکيه وزير ولڀ پٽنائڪ کي ڀرشٽاچار جي ڏوهه ۾ پوليس گرفتار ڪيو. پر هن کي بانڊ تي آزاد ڪيو ويو. اهڙن ماڻهن کي آزاد نه ڪجي. ڏوهيءَ کي جيل جون سخت سزائون ڏيڻ گهرجن، جيئن ٻين وزيرن کي به خبر پوي. اسان جي ديش ۾ ڪيترائي وزير، جن جا ڪروڙين رپيا

آهي. اڄ سرڪار جي هر ڪاري ۾ ڀرشٽاچار جو ٻول ٻالا آهي. پئسن جي زور تي ڏوهگار به آسانيءَ سان آزاد ٿي سگهن ٿا. ديش اندر لوڪشاهي راڄ آهي. هر پنجين سال چونڊون ٿين ٿيون. چونڊن ۾ اميدوار کي خرچ جي حد مقرر هوندي آهي، پر ڪيترائي اميدوار ڏهوڻي، سوڻي حد ٽپي ويندا آهن. انهن کي قانون به هٿ نه لڳائي سگهندو آهي، ڇو جو هو پئسن جي زور تي ثبوت هٽائي ڇڏيندا آهن. اڄ جي دور ۾ هر واپاري، مزور، آفيسر، وزير، لکاپتي - ڪروڙپتي ٿيڻ چاهين ٿا ۽ پنهنجي زندگيءَ کي عيش عشرت ۾ هلائڻ چاهين ٿا. ڪنهن کي سچائيءَ جي ڪمائي جڙي وڃي ٿي نٿي. اڄ ديش اندر ڪيترائي نوجوان سمگلنگ جو ڌنڌو ڪن ٿا. ٻاڪي جلد شاهوڪار بڻائڻ جو رستو ڳولهڻ چاهين ٿا. ڪسٽم آفيسر ڇا ۾ گهٽ آهن. اهي به الله جا پٽ آهن. اهڙي نموني ديش کي هرڪو ڪاٽ هڻندو وڃي ٿو. اڄ ديش جي حالت ڪهڙي آهي. ديش مٿان آمريڪا، جپان ۽ انگلنڊ جو ڪيڏو نه قرض آهي. ديش اندر ٨٠ ٽڪا اڃا غريبي آهي. ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. اسانجو ڀارت مهان ديش آهي. ڪيتريءَ وارو ملڪ آهي. ديش ۾ هر طرح پيدائشون ۽ انسان جو ڪم جو پاور موجود آهي. ان هوندي به هٿ غريبي، بيڪاري ۽ موت دنيا جي ٻين

ٻولڪي لنڊي هولڊي اسڪول جي هڪ ڪهاڻي ياد
اچي ٿي "ڪالڪ ۽ گدڙ جي". هڪ دفعي هڪڙو گدڙ
ڪنهن جهنگل ۾ شڪار جي ڳولها ۾ نڪتو. هي ڏاڍو
بکايل هو. هن جهنگل ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ته
هن کي هڪ وڻ تي ڪارو ڪانءُ ويٺل نظر آيو ۽
هن جي وات ۾ لولي جو ٽڪر هو. لولي کي ڏسي
گدڙ جو وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو. هڪ هو بکايل،
ٻيو ڪالڪ کي لولو، اهي ٻئي ڳالهيون هن جي من کي
منجهائي رهيون هيون. سو هن دل ۾ خيال ڪيو ته
ڪا اهڙي چالاڪي ڪجي جيئن ڪالڪ جو لولو هيٺ
ڪري ۽ مان کڻي ٻهڪجي ٻک مڙايان. سو هن ڪالڪ
کي چيو: هلو دوست، رام رام. تون اڄ ڏاڍو خوش ۽
سهڻو نظر اچي رهيو آهين، ڇا ڳالهه آهي. ڪانءُ
ڪارو، گدڙ جو سهڻو اکر ٻڌي ٻود ۾ پرجي ويو. گدڙ
چالاڪي ڪري ٻيهر ڳالهايو ۽ ڪالڪ کي چيو: يار، تون
ته سر ملاءِ ته. ڪانءُ به هن سان ڳائڻ ۾ سر ملائڻ
لڳو ته هڪدم هن جو لولو وات مان هيٺ زمين تي
ڪري پيو. گدڙ ته لولي جي انتظار ۾ هو. سو جهٽ
زمين تان کڻي وات ۾ وجهي ڪائي ڪالڪ کي ٺمٺي
ڪندو هلندو رهيو ۽ ڪانءُ هن کي ڏسندو رهيو.
جيئن سمنڊ ۾ ٻيڙي اڳتي وڌندي آهي، اسان اُن کي
ڏسندا رهندا آهيون، ائين ڪانءُ به هن کي عجب

سمگلنگ جي ڌنڌن ۾ پيا آهن. سرڪار کي اهڙن
جي جاچ ڪرائڻ گهرجي ۽ ڏوهارين جا پئسا ضبط
ڪجن ۽ هنن کي جيل ۾ موڪلڻ گهرجي. ديش اندر
ڀرشٽاچار جو مرض ڪئنسر وانگر ڦهلجي ويو آهي. ان
بيماريءَ جو ترت علاج جيڪڏهن سرڪار نه ڪندي
ته ديش کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جو خطرو آهي. ديشواسي
وڏي مصيبت ۾ اچي ويندا.

حرام جو کائيندڙ ڪڏهن به ڪامياب نه ويندو

هن جهان ۾ ڪروڙين انسان رهن ٿا. جن جون
عادتون، سڀاءُ، ڪم ڪرڻ جو نمونو، سڀيتا ۽ ڌرم
جدا جدا آهي. جيئن سمنڊ هڪ پر ان ۾ انيڪ
خاصيتون سمايل آهن. اهڙي نموني انسان جو سڀاءُ به
سيندي جو هڪ ڪرو ئي آهي. ڪي دل جا صاف، ڪي
دل جا ڪارا. ڪي وچولا، ڪي ڳالهائڻ جا فهم.
ڪي گهٽ وغيره آهن. ڪي انسان چست ۽ سست
آهن. ڪي پنهنجي محنت تي وشواس رکندڙ آهن ته
ڪي ٻين جي مال کائڻ تي وشواس رکندڙ آهن. ڪي
خوشامدي ٽٽون هوندا آهن، اهڙن جو سڀاءُ هوندو
آهي ته ٻين کي پٽائي اهڙن جو مال ڪيئن کائجي،

سوکڙي وٺڻ لاءِ حاضر رهندا هئا. هي ته، عادت جو غلام هو، سو هن جي شيوا ڪندو هو. مان دل ۾ سوچيندو هوس ته اڄ هن وٽ مال آهي، جي سڀاڻي خدا نه ڪري.... ته اهي اخبار جا ماڻهو هن جو ڪهڙو حشر ڪندا، سو خدا ڄاڻي.

اهڙي نموني خوشامدڙيا انسان هر ڪيتر ۾ موجود آهن. ڀوءِ راڄنيتي هجي يا واپار. نوڪري هجي يا مزوري. هو خوشامد ڪري پنهنجو اُلو سڌو ڪندا آهن ۽ ڪري رهيا آهن. هن دنيا ۾ عجيب غريب انسان رهن ٿا ۽ ڪيترن پنهنجو وهنوار ڪن ٿا، ننڍڪي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هن جو انت لهي نٿو سگهجي. سچ چوندا آهن ته سمنڊ جو انت لهي سگهجي ٿو، پر انسان جو انت لهي نٿو سگهجي.

گياني ۽ ودوان شخص پنهنجي خوشامد تي ڪڏهن به راضي نه ٿيندا آهن. ديش پتا مهاتما گانڌي به خوشامد جي برخلاف هو. هڪ سچي گياني جو چوڻ آهي ته جو خوشامد ڪري ٿو، سو پنهنجو دشمن سمجهو، پر جيڪو گلا ڪري ٿو، سو پنهنجو دوست سمجهو.

خوشامد انسان کي ڏاڍي ڏاڍي انڌيري ۾ ڦٽي ڪري ٿي. جهڙي نموني ايشور هر روز انسان جي عمر گهٽائي ٿو. خوشامد ٻڌندڙ اوڏ ۾ ٻڏجي وڃي ٿو.

مان ڏسندو رهيو. جڏهن لولي جو خيال آيس ته ڏکي ٿيو.

هن جهان ۾ ڪي انسان گدڙ کان به وڌيڪ چالاڪ آهن، ڇو جو گدڙ ته جانور آهي. جنهن ۾ سمجهه آهي پر ويچار ۽ يادداشت گهٽ آهي، پر انسان کي سمجهه، ويچار ۽ يادداشت ٽيئي گڏ مالڪ بخشيا آهن. ان سبب انسان، جانورن کان وڌيڪ چالاڪ آهن. ڪي ماڻهو اڳلي جي منهن تي ساراهه ڪندا آهن. سو اهو ماڻهو ته پنهنجي ساراهه ۾ پاڻي پاڻي ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجو ڌن پاڻيءَ وانگر وهائيندو آهي. ساراهه ڪندڙ انسان به چالاڪ آهن. ڏسندا آهن ته اڳلي وٽ چار ڏوڪڙ آهن ته هن جي ساراهه ڪندا ۽ هن جو مال پيا چٻيندا، پر جيڪڏهن ڏسندا ته اڳلو ڪڙڪو ٿي ويو آهي ته هن کي رام رام به نه ڪندا ته متان نه چانهه ٽاوڻ پئجي وڃي. ڀلي هن مان اڳ ۾ هن جام جاوا ڪيا هجن. وقت وقت جي بادشاهي آهي. ان مطابق هي پنهنجو سڀاءُ به ڦيرائيندا گهيرائيندا رهن ٿا.

مان هڪ سوشل ورڪر ڏٺو. هن جو اخبار ۾ نالو اچي، ان لاءِ هنکي ڏاڍي حب هئي. اخبار جا ڪم ڪندڙ هن جي ڪمزوري ڀانپي ويا. روز هن جا اُلٽا سڌا ليک ڏيئي هن کان ڪجهه نه ڪجهه ڇڏائيندا هئا. هن جي اخبار ۾ ساراهه ڪري شام جو هن جي اڳيان

ٻين جي ڀلائيءَ ۾ پنهنجو ڀلو سمايل آهي

ايشور به عجيب مايا جوڙي آهي. هن جهان ۾ ڪروڙين انسان پيدا ڪيا آهن. پر سڀني جا روپ، ڪم، عادتون ۽ الڳ الڳ ٺاهيون اٿس، پر هن جهان ۾ سڀ شاهوڪار ڪونهن. نه وري سڀ غريب آهن. هن جهان ۾ ايشور ڪن کي اميري ۽ ڪن کي غريبي ڏني آهي. جنهن قدرت ۾ ڪي وڻ ساوا آهن ۽ ڪي سڪل. ڪي نديون جل سان ڀرپور آهن ته ڪي ويڳاڙون سڪل. هر ڪنهن کي الڳ الڳ ڪرڻ ۾ هٿ موڪليو آهي. گوتم ٻڌ جي سکيا جا منهنجي من کي جچي ٿي، شايد اها صحي ۽ سچي آهي. هن پنهنجي اپديش ۾ انهن به چيو آهي يا لکيو آهي ته هن جهان ۾ انسان کي ڪرمن جي ڦل موجب پنهنجي زندگيءَ جو سفر هلائڻو ٿو پوي. ڏسو ته هن جهان ۾ ڪي ارب پتي آهن، ڪي ڪروڙ پتي آهن ته ڪي لکاپتي آهن. جن کي هن جهان ۾ عيش عشرت جا سڀ ساڌن موجود آهن. هنن کي اترو ته پيسو آهي جو هنن جون ست پيڙهيون به پيسو اڏائين ته هنن جو پيسو نه کٽندو. جيئن اسانجي ديش ۾ اُهي لکين

هو پاڻ کي خدا کان به وڏي شيءِ سمجهي، ڪي غلط
قدم ۽ ظلم ڪري ٿو. جنهن سان اهو انسان پنهنجي
پاڻيهي ستياناس ڪري ٿو. جيئن ڪو انسان اُن وڻ
جي ٽاريءَ کي وڍي ٿو، جنهن ٽاريءَ تي هو پاڻ
خود ويٺو آهي. ان مان سمجهبو ته هن جو انت
ڪيئن ٿيندو. ٻئي پاسي ڳالهه، نقطچيني انسان کي
سڌاري ٿي. جيئن ڪنڀار مٽيءَ جي مٽڪن کي
سڌاريندو آهي. انسان پنهنجي ڪمزورين ۽ گهٽتائن
کي ڏسي انهن کي دور ڪرڻ جو جتن ڪري ٿو ۽ پاڻ
کي صحيح رستي تي هلائڻ لاءِ جتن ڪري ٿو.

انسان کي پنهنجو ڪرتوءِ هميشه سچائي، همت
۽ همت سان ڪرڻ گهرجي. ڪم ڪرڻ بدران ڦل جي
اڇا نه رکڻ گهرجي. ڇو جو شري ڪرشڻ ڀڳوان گيتا ۾
چيو آهي ته ”اي انسان، تون پنهنجو ڪرتوءِ ڪر،
پر ڦل جي اڇا نه ڪر.“ ان ڪري پنهنجي ڪرتوءِ
کي اڳتي هلائيندو رهجي. ڪو خوشامد ڪري ته ٻوڏ
۾ نه ٻڏجي، پر اُن کي صاف چوي ته، مان اهو
اڇا لاءِ ڪم ڪيو آهي. اڇا ته گهڻو ڪجهه رهيل آهي.
دعا ڪريو ته رهيل ڪم کي پورو ڪريان. ڪو ڳالهه
نقطچيني ڪري ته اُن کي صبر سان ٻڌون ۽ پنهنجون
غلطيون سڌاريون. ڇو جو انسان ڪو ڀڳوان نه آهي. اهو
ياد ڪرڻ گهرجي ته انسان ۾ خطا جو گهر آهي.

آهي. ڪوبه انسان جيڪو سکيو ستابو هوندو، نه چاهيندو ته ڪو مان ديش اندر ڦيج ڦاهه، سمگلنگ يا خون خرابي ڪريان، پر دکي انسان ۽ پيٽ کان بکيو انسان سڀ اشرافت جا ليڪا لنگهي وڃي ٿو. اهو ڪجهه به ڪرڻ کان هٻڪي نٿو. ڇو جو ڪنهن ليکڪ لکيو آهي ته جڏهن ڪنهن غريب جي گهر ۾ چولهو نٿو ٻري ته هن جي پيٽ ۾ چولهو ٻري ٿو. ان مان سمجهبو ته هن جي دل ۾ ڇا نه هوندو.

سياستدانن اهو راز ڳولهي ڪڍيو آهي ته جيڪو ديش سکيو ستابو آهي، اُتي ڏوهه گهٽ ٿين ٿا. جيئن آمريڪا، انگلينڊ، سينگاپور، جپان وغيره. پر جيڪي ديش غريب آهن اُتي ڏوهه تمام گهڻا ٿين ٿا. جيئن ڀارت، بنگلاديش وغيره. ان ڪري اسانجي سرڪار پنج سالي يوجنا جي اندر ديش جو وڪاس ڪري ديش اندر غريبيءَ جو درجو گهٽائڻ چاهي ٿي، پر وڌندڙ آدمشماريءَ سبب يوجنائون به ڪامياب نٿيون وڃن. اسانجي ديش جي سرڪار ديش جي غريبن کي سنجهيه روزگار يوجنا ۾ پئسا ڏئي ٿي. ڪي راجيه بيڌڙن ماڻهن کي پينشن به ڏين ٿا. پر اها پينشن تمام گهٽ آهي. هنن پئسن مان هنن جو گذران ٿيڻ تمام ڏکيو آهي. اڄ ديش اندر مهانگائيءَ جو ڀوت گهمي رهيو آهي. ان سبب ڇڳن پلن جا پاسا پڇي پيا آهن.

ارب پتي، ڪروڙ پتي ۽ لکا پتي آهن. جيئن برلا، ٽاٽا، رلائنس، مفتلعل، هندوجا وغيره ڪروڙ پتي آهن.

ٻئي پاسي ڏسو ته اسانجي ديش ۽ دنيا جي ٻين ديشن ۾ هروڀرو سڀ ڪروڙ پتي، لکا پتي ڪونهن، پر ڪيترائي غريب، مسڪين، اپاهج وغيره آهن. جن ويچارن کي ڏينهن جو هڪ ويلو به روٽي مشڪل نصيب ٿئي ٿي. نه ويچارن کي ڀرابر اجهو، لٽو، روزگار آهي. هنن جي زندگي جڻ جيئري موت آهي. هو ويچارا بيبسيءَ ۾ ٻين ڏي مدد لاءِ نهارن ٿا. پنهنجي زندگيءَ ۾ رکي سکي ڪائي ڏينهن ڪٽين ٿا ۽ ڪي ويچارا موت کان اڳ مري وڃن ٿا يا اگرين بيمارين ۾ ڦاسجي وڃن ٿا. جن مان پوءِ ويچارا نڪري نٿا سگهن.

هڪ شاعر چيو آهي ته اي ايشور، ڪنهن کي به غريبي نه ڏي. غريبي ڏيڻ کان موت ڏيڻ صد ڀار بهتر آهي.

اسانجي ديش اندر ۸۰ سيڪڙو آدم غريبيءَ جي اگري بيماريءَ ۾ رهي ٿو. ان سبب ديش جون حالتون ڏينهون پوءِ بگڙجندڙ آهن. غريبي ئي انسان کي حيوان بڻائي ٿي. جنهن سان هو ديش دروهي، سمگلنگ، چوريون ۽ خون، جهيڙا، ڀڃ ڊاهه، ڀاهيون ڏيڻ وغيره کان به نٿا هٻڪن. اسانجي ديش اندر ڏسو روز اخبارون، قتل، خون، ڀڃ ڊاهه وغيره جون خبرون ڏين ٿيون. انهن جي پٺيان غريبيءَ جي پوسٽ جو هٿ

ڏاڍا مصيبتي آهن، جن کـــي پنهنجي ديش لاءِ پيـار پنهنجي جان کان بہ وڌيڪ آهي.

اسانجو ديش پتا مهاتما گانڌي بہ چوندو هو تہ جنهن ڏينهن کم نہ کجي تنهن ڏينهن روٽي پڻ نہ کائجي. اهو هن جو همت جي کم ۽ وشواس هو. هن جو رايو هـــو تـــہ ديش جـــي اسڪولن، ڪاليجي شاگردن جي پڙهائيءَ سان گڏ هنرن جي سکيا بہ ڏجي جيئن اهي پنهنجي پيرن تي بيهن، نہ سرڪاري نوڪرين جي واهہ ڏسن.

پر افسوس آهي ديش پتا جـي صلاح سرڪار اڃا عمل ۾ نہ آندي آهي. ان سبب اڄ ڪروڙين نوجوان بيروزگار آهن. جن جي شڪتي اجايو وڃي رهي آهي. جيڪڏهن اهي ڪنهن ڪرت ڪار ۾ هجن تہ ديش جو چڱو ئي ڀلو ٿي وڃي.

اسان ديشواسين جـــو فرض آهي تہ غريبن کـــي هوند سارُ مدد ڪريون. ڇو جو سڀ انسان ذات پاڻ ۾ ڀائر ڀيڻرون ئي سڏبيدي آهن. انسان ذات جـي شيوا ايشور جي شيوا کان مهان آهي. جيڪو انسان دکي انسان کي سهايتا نہ ڪري، ڀڳوان کي راضي ڪري ٿو سو جڻ اهو پاپ ڪري ٿو. ايشور بہ تڏهن راضي رهي ٿو جڏهن هـن جـا ٻـدا راضي رهن ٿـا. اسان ديشواسين جو اهو فرض آهي تہ اهڙو ڪرتويہ ڪريون جيئن هرهڪ کي سولائيءَ سان انو، لتو، اجهو ملي ۽ ديش مان غريبيءَ جو نالو مٽجي وڃي.

پوءِ توهان ٿي سوچيو تہ غريبن ويچارن جي حالت ڪهڙي ٿيندي. ديش لئي غريبي داغ آهي. سو اسان ديشواسين جو فرض آهي تہ ديش جي مٿان اهو داغ مٽايون. ان لاءِ هر ديشواسيءَ کي سچائيءَ ۽ محنت ڪرڻي پوندي.

ڀارت ديش جي مرحوم پردان منتري شريمتي اندرا گانڌيءَ جو نعرو هو ”غريبي هٽائو“ ڇو جو هن جو اهو پڪو ارادو هو تہ جيستائين ديش اندرا غريبيءَ کي دور نہ ڪيو ويو آهي تيستائين ديش جو وڪاس ٿيڻ مشڪل آهي. ديش اندر ”غريبي هٽائو“ صرف نعري سان نہ هٽندي، ان لاءِ ديش جي هرهڪ انسان، ٻار، جوان، پيو پوءِ چاهي مرد هجي يا عورت تن سڀني کي پنهنجي پسنديءَ موجب ڪو نہ ڪو ڪم ڪرڻو آهي. ڪم سان انسان جو وقت آرام سان پاس ٿي سگهي ٿو ۽ پيسا ڪمائي پنهنجي سکي زندگي بسر ڪري سگهي ٿو. جپان ملڪ جو مثال وٺو. هن ملڪ جا سڀ زالون ۽ مرد، پوءِ چاهي ننڍا وڏا ڇو نہ هجن، سڀ پنهنجي پسنديءَ موجب ڪم ڪن ٿا. ان سبب اهي سکي آهن. اڄ جپان ديش دنيا جي سڀني ملڪن کان اول نڪري ويو آهي ۽ هت سڀ رهندڙ سکي ۽ آسودا آهن. هن ملڪ ۾ اليڪٽرانڪس، ڪپڙن ناهڻ ۾ تمام گهڻي اُنتي ڪئي آهي. ڇو جو هتان جا ماڻهو

هر ڪنهن کي پياري آهي." پوءِ چاهي پيرو هجي يا جوان. هرڪو هت جيئڻ چاهي ٿو. موت ڀلا ڪنهن کي وڻي ٿو. اهو حال ڏسي هنن پاڻ ۾ چيو ته ٻيڙيءَ مان جيڪڏهن ٣ ڄڻا هيٺ لهن ته ٻيڙي برابر هلي سگهندي. انهن ڇهن مان ٻه ڀائر پڻ هئا. سو هنن لهڻ جا پڪا ڪيا. ٽن جو نمبر آيو. هڪ نمبر وڏي ڀاءُ جو به آيو. ٻه ته وچارا هري رام چئي ٻيڙيءَ مان ٽپو ڏيئي سمنڊ ۾ هلي ويا. باقي وڏو ڀاءُ بيٺو هو. ننڍي ڀاءُ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن پنهنجو فرض ياد ڪيو ۽ وڏي ڀاءُ کي چيو: توهانجي ٻڌران مان ٿو سمنڊ ۾ وڃان. منهنجي شادي به ڪيل ڪونهي. توهان گرهستي آهيو. توهان جو هن سنسار ۾ هجڻ تمام ضروري آهي. وڏو ڀاءُ ته اصول جو پڪو هو ۽ خدا ترس هو. هن چيو ته موت منهنجو لکيل آيو آهي، سو مان پنهنجو موت توکي ڇو ڏيان. مان موت کان پوءِ ڀڳوان کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس. منهنجا ڏينهن پورا ٿي ويا آهن. سو مونکي سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻ ڏي. پر ننڍو ڀاءُ هن کي سوگهو جهلي بيٺو ته جيڪڏهن توهان سمنڊ ۾ اندر وڃي، پنهنجو موت آڻيندا ته مان ڀاڀيءَ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس. سماج کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس. هرڪو مونکي ٽوڪون هڻندو ته وڏي ڀاءُ کي ماري پاڻ آيو آهي. منهنجو واڪ الٽين ڪرڻ ٿو

اِنسانيت جو اِمتحان

هن زندگيءَ ۾ انسان کي مالڪ جنم مليو. ايشور سڀني پراڻين ۾ سروَ اُتم انسان کي بڻايو آهي. ڇو جو هن کي سمجهه، همت ۽ ويچار ڪرڻ جي شڪتي ڏني آهي جا هن جهنگل ۾ رهندڙ پراڻين کي نه ڏني آهي. انسان هن زندگيءَ ۾ صرف پنهنجي لاءِ جيئڻ نه آيو آهي. هن کي ٻين جي به هوند سارو مدد ڪرڻ گهرجي. اسانجي بزرگ شاعر هري دلگير پنهنجي ڪويتائن جي ڪتاب "موج ڪئي مهراڻ" ۾ لکيو آهي "جو پنهنجي پاڻ کان لڪي ڳائي سو چور آهي. هن جو منهن نه ماڻهن جيان آهي پر دل هن جي ڍور" اهو انسان ڪهڙي ڪم جو، جيڪو وقت تي ٻئي انسان جي ڪم نه اچي. سياڻن سچ چيو آهي ته وقت تي انسان جي انسانيت جي خبر پوندي آهي. اهو قدرتي سڀاءُ آهي ته هرهڪ انسان پاڻ کي مهان مٿو سڏائيندو آهي. پر ڪم پوي ته ڪل پوي. مونکي هڪ ڪهاڻي ياد اچي ٿي. هڪ ٻيڙيءَ ۾ ٦ ڄڻا سفر ڪري رهيا هئا. قدرت سان قضا اهڙي اچي اٿي جو ٻيڙي ٦ ڄڻن جو ڀار گهلي نه پئي سگهي. سو هنن مان ڪير سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي. هرهڪ هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳو ته ڪير ٽپو ڏئي. ڇو جو اها چوڻي به سچ آهي ته "جان

نه آئي. مان سمجهي ويس ته موت هن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. اسان جي ديش ۾ اهڙا انيڪ ٻيا ڀيڻون لکين آهن جن جي زندگي زهر آهي. تن کي وسائڻ جو ڪم سرڪار جو آهي. پر سرڪار لاچار اچي آهي. وڏا وڏا واعدا ته ڪري ٿي، پر سڀ کوکلا. ڏينهون ڀوءِ ملڪ اندر مهانگائي وڌي رهي آهي. ان سبب شايد انسان مان انسانيت به اڏامي وئي آهي. ڇو جو چوندا آهن ته ”اَن آهي ته ايمان آهي“ جيڪڏهن غريبن کي اناج خريد ڪرڻ لاءِ پئسا نه هوندا ته ويچارا ڪيئن گذران ڪري سگهندا.

انسانيت جو ٻيج اڃا اسانجي ديش اندر ڪن ماڻهن ۾ آهي. اهي ويچارا پنهنجي تن، من کي ماري، هوند سارو ٻين انسان جي زندگي سکي ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. اهو سؤ ٽڪا سچ آهي ته جيڪو انسان هن جهان ۾ انسان جي شيوا ڪري ٿو، سو سڌو سرڳ ۾ وڃي ٿو. هن جهان ۾ نه سکي رهي ٿو پر مٿي ايشور وٽ به سک ملي ٿو. ڇو جو منهنجو اهو رايو آهي ته انسان جي شيوا ڪرڻ ڀڳوان جي شيوا ڪرڻ کان به وڌيڪ آهي. ڀڳوان جي مهر به اُن انسان مٿان رهندي، جيڪو خلق جي خدمت ڪري ٿو. باقي غريبن کي تنگ ڪرڻ ۽ انهن جي خون مان پئسو گڏ ڪري پنهنجو شان ڏيکارڻ، اهو ٻيج جو ڪم نه آهي، پر پاپ

ڏني. انهن ڳالهائيندي ڳالهائيندي هن کي ڪنارو
ڏسڻ ۾ آيو؛ سڀني ڪناري تي با سلامت پهچي ويا.
اهڙي لمحي هڪ جي سچي انسانيت ٻئي جي جان
بچائي. قدرت به هن کي مدد ڪئي. پر اڄ جي انسان
جي انسانيت ڪهڙي آ؟ اهو سوال ٿو اٿي ته اڄ
هرڪو پنهنجي لاءِ جيئري خاطر ٻڪريءَ کي ٿو کهي.
هت هرڪو پنهنجي لاءِ آهي. ڪير به مڃتو نه
آهي. هر ڪنهن کي ڪُٺيءَ جو ڪٽورو کپي. ٻئي لاءِ
جان نه ڇا پر ٻئي کي بخار به نه ڏيندا. ڪنهن غريب
کي مالي مدد نه ڇا، هڪ ڊبل روٽي به وٺي نه ڏيندا.
ڀلي مري وڃي، ان ۾ منهنجو ڇا! هن جو ڪرم اهڙو
آهي، انهن ڇٽي اڳتي هلي ويندا. مان هڪ دفعي
۷۰ سالن جي هڪ پيرسن عورت ڏٺي، جا هلي چلي
نه پئي سگهي. شايد کي مائٽ هن کي رستي تي ڇڏي
ڪري ويا هئا. هيءَ انسان هئي. ويچاري ٻڍي،
ڪمزور، اکين جي نظر گهٽ، گذران جو وسيلو نه. اُس
۾ سڙي رهي هئي. هن جي حالت جانورن کان به
خراب هئي. ان رستي تان سوين راهگير، امير، غريب،
ليڊرن، سوشل ورڪر لنگهي رهيا هئا، پر ڪير به
هن تي قياس نه ڪري رهيو هو. مان به هوائد سارؤ
هن رستي تان لنگهندي، ڪجهه مدد ڪندو هوس.
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اها مائي ان رستي تي ڏسڻ ۾

ڪجي اُن ڏينهن انسان کي روٽي کائڻ جو انڪار
ڪوندو هي. پر اڄ جو زمانو بدليل آهي. انسان ڪم ڪري
يا نه ڪري، پر هن کي پنهنجي پيٽ لاءِ روٽي ضرور
گهرجي. اڄ جي انسان جي مورتي بدليل آهي. ڪي
ٿورا انسان آهن جي اڄ به پنهنجن آدرشن ۽ اصولن
تي هلن ٿا. پنهنجي زندگي پورا ۽ برابر هلائين ٿا.
ڀلي زندگيءَ ۾ مشڪلاتون يا مصيبتون اچن، پر اهي
پنهنجي ارادي تان نٿا هٽن. جيئن ڪا ٻيڙي سمنڊ
جي پٿر تان نه ڏڪي اڳتي هلندي رهي ٿي. پر
هن سنسار ۾ ڪي اهڙا به انسان آهن جو هو ٻين جو
حرام جو مال کائين ٿا. يا ڪي چوري، ڌاڪو، ڦر
ڪري پنهنجو پيٽ پالين ٿا. انهن جو زندگيءَ ۾ شايد
اهو مقصد آهي ته ٻين جو مال کائڻ ۽ ٻين کي ٺڳڻ،
ان ڪم ۾ هنن کي هڪ ڏينهن پڇتائڻو به پوي ٿو.
چوندا آهن ته ٢٩ ڏينهن چور جا ته هڪ ڏينهن ساڌ
جو. جڏهن اهي چور يعني ٻئي جو مال کائيندڙ هڪ
ڏينهن ڦاسن ٿا ته هنن کي ناني ياد اچي ويندي آهي.
پر عادتي چور ان کان به نٿا ٻڃن. اهي مار کائڻ، عزت
وڃائڻ کانپوءِ به نڙد آهن. وري پنهنجي جهوني
ڪرت ڪار کي لڳي وڃن ٿا. چوندا آهن ته ڪاري
ڪوئلي کي ڪيترو به صابڻ سان اڇو ڪريو، تڏهن به
اڇو نه ٿيندو. ڪاري جو ڪارو ئي هوندو. اهڙا

جو ڪم آهي. ان تي ايشور راضي نٿو رهي، پر ناراض رهي ٿو.

مان توهان کي پنهنجو مثال ٻڌايان ٿو. شايد مان غلط ٻه هجان، پر مان پاڻ کي صحي سمجهان ٿو. مان جڏهن ٻه ڪڏهن مندر ۾ ويندو آهيان ته مشڪل سان مندر اندر ناريل چڙهندو آهيان، پر دل ۾ اهو ضرور نياءُ ڪندو آهيان ته، ناريل جا پئسا غريبن ۾ ورهايان ۽ ائين ڪندو آهيان. منهنجا دوست، مت مائٽ مندرن ۾ ناريل چڙهندا آهن. اهي منهنجي لاءِ سمجهندا هوندا ته مان ڪنجوس يا پڪو آهيان، ان هوندي به مان هنن جي پرواهه نه ڪندو آهيان. منهنجو اهو وشواس آهي ته غريبن جي سيوا ۾ ايشور سمايل آهي ۽ نه مندرن ۽ مسجدن ۾ سمايل آهي. ايشور کي سچي دل سان ياد ڪجي.

چور ۽ انسان

انسان کي هن جهان ۾ ايشور پنهنجي زندگيءَ کي ٻهار آڻڻ، ساڻ پنهنجي ڪٽنب کي پالڻ لاءِ ٻه هٿ ڏنا آهن. يعني انسان محنت ڪري پنهنجي جيون ۾ ٻهاري آڻي سگهي ٿو. پنهنجو وقت ٻه سجايو ڪري سگهي ٿو. ديش پتا مهاتما گانڌي به، پنهنجن سائين کي سابرمتي آشرم ۾ چوندو هو ته جڏهن ڏينهن ڪم ۾

والميڪ جي مشهور آهي. ڳالهه ڪندا آهن ته والميڪ هڪ خطرناڪ ڏاڪو هو. جو هر روز ڪنهن نه ڪنهن کي ڦري پنهنجو ۽ ڪٽنب جو پيٽ پاليندو هو. اهڙي نموني هر روز هي اهڙي ڪار ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن هڪ ساڌوءَ کي ڦرڻ لاءِ پڪڙيو ۽ کيس چيو ته جيڪي اٿيئي سو ڪڍي ٻاهر ڪر نه ته.... ساڌو ويچارو ٻانڊ فقير، هن وٽ ڇا هجي جو هن جي اڳيان رکي. جيڪو ويچارو ٻين جي ديا تي پنهنجو جيون ڪاٽي، سو آخر ڇا ڪڍي رکي!

هن والميڪ کي همٿ جوڙي نمرتا سان چيو ته اي ايشور جا ٻندا، مون وٽ ته ڪجهه نه آهي. پر مونکي تون ڪرپا ڪري هڪ سوال جو جواب ڏي. تون جيڪو چوريون ۽ ڦريون ڪري رهيو آهين، سو ڪنهنجي لاءِ؟ والميڪ چيو ته مان اهي ڪم پنهنجي لاءِ ته ڪري رهيو آهيان. مونکي ته پنهنجو پريوار آهي. ان جي پالنا لاءِ هي ڪم ڪري رهيو آهيان.

ساڌوءَ ورندي ڏني ته اي نيڪ انسان، اها ڳالهه ته برابر، پر جيڪو تون پاپ ڪري رهيو آهين، ان جو ڀاڱيوار تنهنجي ڪٽنب جا ڀاتي ٿيندا يا نه؟ اهو سوال ٻڌي والميڪ منجهي پيو ۽ ساڌوءَ کي چيائين ته ان سوال جو جواب مان گهر وڃي پنهنجي ڀاتين کان پڇي پوءِ تو کي اچي ٻڌايان. متان ڀڄي وڃين!

انسان ٻه آهن جو توهان هنن کي ڪيڏو ٻه سمجهايو پر
اهي اصل نه سمجهندا. پنهنجي ضد تي قائم هوندا.

هاڻي سوال اُٿي ٿو ته انسان چور، ڌاڙيل، حرامخور
چو ٿو ٿئي. ڪن قانوندانن جو راءِ آهي ته مجبوري
انسان کي برا ڪم ڪرائي ٿي. انسان کي انسان مان
حيوان بڻائي ٿي. سڀ ڏوهه ديش جي آرٿڪ ليتيءَ
تي آهي. جي ديش اندر سستائي آهي ته ديش اندر
چورن ڦورن جا واقعا گهٽ آهن. پر جيڪڏهن ديش
اندر مهانگائي ۽ بيروزگاري آهي ته ديش اندر چورن
۽ ڦورن جا واقعا وڌيل آهن.

پر ڪن جو چوڻ آهي ته انسان جي انسانيت
نڪرڻ سبب انسان سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي
ٿو. ڪن جو چوڻ آهي ته ڪي محنت کان عار ڪن
ٿا، اهي آسانيءَ سان شاهوڪار ٿيڻ چاهين ٿا. ان
ڪري اهي چوريون ۽ ڦريون ڪن ٿا. جا ٻه هجي،
ٻئي جو مال کسڻ يا کائڻ پاپ آهي. اهو مال اڏسڻ جو
سٺو آهي پر انسان لاءِ زهر سمان آهي. هن کي سماج
مان ڪيرائي ٿو. ڪيس ووڪ جا وڏ پون ٿا ۽ ايشور
اڳيان گنهگار بڻائي ٿو. گوتم ٻڌ ٻه پنهنجن ششن کي
چوندو هو ته چوري ڪرڻ پاپ آهي. دنيا جي جدا
جدا قومن جا ودوان، سنت ٻه ائين چون ٿا ته چوري
ڪرڻ پاپ آهي. ڀارت ديش جي اتهاسڪ ڪهاڻي

لٽيجو خراب آهي. سو چوريون ڪرڻ، ڦرڻ، ڌاڪو هڻڻ ۽ حرام جا مال کائڻ جو آخر لٽيجو کهڙو نڪرندو. خراب، خراب. سو هــــي انسان، انهن کــي ڇـڏي پنهنجي محنت جي ڦل کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ سچي بهاري آڻيو.

سوچي سمجهي زبان مان اکر ڪڍڻ گهرجن

ايشور انسان کي ڳالهائڻ لاءِ وات ڏنو آهي. وات اندر زبان سمايل آهي، جا انسان کــي ڳالهائڻ ۾ مدد ڪري ٿي. انسان کي ٻين سان سوچي سمجهي ڳالهائڻ گهرجي. جيئن اڳلي کي رنج يا ڪاوڙ نه ٿئي. چوندا آهن ته ”تلوار جو گهاءُ ڇٽي سگهي ٿو، پر زبان جـو گهاءُ نٿو ڇٽي سگهي.“

سوامي روچلداس هر هر پنهنجن ششن کـــي اهـو اپديش ڏيندو هو ته ”زبان روڪو“ معنيٰ پنهنجي زبان کــي خراب اکرن ۽ ڪوڙن ڪروڌي لفظن کي ٻاهر نه ڪڍو. انسان پنهنجي مٺي واڻيءَ سان پراون کي به پنهنجو ڪري ڇڏيندو آهــي. ڪي وري پنهنجي واڻيءَ سان پنهنجن کي به پرائو ڪري، نفاق جــو ٻج وجهي ڇڏيندا آهن. اهــو سچ چوندا

ساڌوءَ چيو تہ جيئن تنھنجي اڇا. والميڪ پنھنجي گھر آيو. ھن ماءُ کان پڇيو تہ توھان منھنجي ڪھڙي ڀا- ڱر ۾ ڀائيوار آھيو؟ ماڻس چيس، ڇو؟ تنھنجو فرض آھي ماءُ پيءُ جي سيوا ڪرڻ.

ھن پنھنجي ڌرمپتنيءَ ۽ ٻارن کان ساڳيو سوال پڇيو. تن بہ ھن کي صاف ٻڌايو تہ تون ڇا بہ ڪر، اُن لاءِ اسان توسان ڀائيوار نہ آھيون. تنھنجو فرض آھي اسانجي پالنا ڪرڻ. والميڪ جي اندر ۾ اُنوقت گيان پرڪاش ٿيو. ھن ڏٺو تہ ھي جھان ڪوڙو آھي. ھت ڪير بہ ڪنھنجو ڪونھي. مان جو ھيترا پاپ ڪيا آھن، اُنجو ڀار ڪير بہ کڻڻ لئو چاھي! سڀئي سزا موکي ملندي. سو جلد ئي واپس ساڌوءَ وٽ آيو ۽ اچي اُن جي اڳيان ڪنڌ جھڪايو. ھن ساڌوءَ کي گھر جي سموري ڳالھ ٻڌائي ۽ ھن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چيائين تہ موکي ھاڻي مڪتيءَ جو رستو ٻڌايو. ساڌوءَ کي ھن جي سچي پراشچت تي قياس آيو ۽ ھن کي رام نام جي جپڻ جو منتر سيکاريو ۽ ھن کي خراب ڪمن کان پاسو ڪرايو. پوءِ ھي رام نام جي ڌن ۾ اھڙو تہ ديوانو ٿي ويو، جو الدر جي وديا پراپت ڪري ھڪ مھان ودوان والميڪ ٻڻجي پيو. جنھن رامائڻ جھڙو مھا گرانٿ لکيو. ان ڪھاڻيءَ مان اسان کي بہ سبق سکڻ کپي تہ خراب ڪم جو

اسانجي سماج ۾ سٺو ڳالهائيندڙ ۽ وهنوار ڪندڙ
هزارن ۾ آهن، پر سڀني جو بيان ڪري نٿو سگهجي.
مونکي هڪ شخص دل تي تري آيو آهي. اسانجي
الهاسنگر ميونسپل ڪائونسل جو اڳيون چيف آفيسر
شري گهنشيام للرياڻي، هن وقت شهر جي ڪمن بابت
ڪيترائي ڀيرا گڏجندو هوس. هن جو ڳالهائڻ مون سان
يا ٻين عام جنتا، اڳواڻن، واپارين سان تمام سٺو هوندو
هو. سڀني کي پنهنجي واٽيءَ سان خوش ڪري
ڇڏيندو هو. ڪيترن جا ڪم جهٽ ڳالهائي پورا ڪري
ڇڏيندو هو. هن جي منهن ۾ مرڪ هوندي هئي. غصو
شايد هن وقت قبضو ڪري نه سگهندو هو. هي پنهنجي
واٽيءَ، محنت ۽ سچائيءَ سان سرڪاري ڪالي ۾ وڏو
ڏاڪا چڙهندو ۽ آخر ڪليڪٽر جو عهدو ماڻيائين. انهين
نه اسانجو سنڌي ائڊمنسٽريٽر شري جڳياسي نه گهٽ
ڪونه هو. هن جو نه ڳالهائڻ فضيلت ۽ آدر ڀاو وارو هو.
اهو نه سڄڻ ڪليڪٽر جي پد تي پهتو آهي. اهڙي
نموني اسانجي جاتيءَ ۾ مون ڪيترائي سڄڻ ڏٺا آهن
جن جي پدوي اڄ نه اوچي آهي. ان هوندي به
سندن ڳالهائڻ ۾ نهٺائي آهي ۽ هو سڀني سان هڪ
جهڙو ورتاءُ ڪندا آهن. پوءِ چاهي ڪير اوچ هجي يا
نيچ. انهن جو مٺو ورتاءُ هر ڪنهن انسان جو من
دلبون ڪيمچي وٺي ٿو ۽ هو پنهنجي سگهه هرهنڌ
ڀلائي سماج جي سيوا ڪري رهيا آهن.

آهن ته اُها ٽي زبان اُس ۾ ويهاري، اُها ٽي زبان چالاڪ ۾ ويهاري.

جيڪو انسان چاهي ٿو ته ٻيا مون سان سٺو ورتاءُ ڪن، تنهن کي جڳائي ته هي به پهرين هنن سان سٺو ورتاءُ ڪري. انسان کي هن سنسار ۾ ٻين سان ڪم ڪار يا ڪنهن ٻئي سبب ڳالهائڻو پوي ٿو. هن کي ٻين سان فضيلت پڻ ڳالهائڻ گهرجي. جيئن اڳلي جي من ۾ اهو احساس ٿئي ته هي مهنجو ساٿي، مددگار ۽ گهڻگهرو آهي. فضيلت انسان کي اوچ درجي تي پهچائي ٿي ۽ ايشور جي ويجهو پڻ آڻي ٿي. پر جيڪي ماڻهو پنهنجي ڪوڙي شان، هستي ۽ رباب ۽ وڏائيءَ ۾ ڀريل هوندا آهن، تن کي نه ننڍي وڏائيءَ جي پرک، نه انسان جي انسانيت جو قدر. ٻيا مستيءَ ۾ ٻين سان بد شد ڳالهائيندا آهن. ان سبب پنهنجي انسانيت ته برباد ڪن ٿا، پر اڳلي جي من کي به هيٺو ڪن ٿا. ان سبب ٻنهي جي دلين ۾ نفرت جي آگ جنم وٺي ٿي، جا انسان جي انسانيت جي تباهيءَ جو رستو آهي. اسان کي ٻين سان سٺي نموني ڳالهائڻ ۽ وهنوار ڪرڻ گهرجي. ڀلي اڳلي جو اسان ڪم نه ڪريون، پر پنهنجي مٺي واڻيءَ سان هن جو من خوش ڪريون، جيئن هو نا اميد نه رهي. ان تي هڪ مثال ياد اچي رهيو آهي.

غريبن، دکين، ستايلن کي مدد ڪرڻ فرض آهي

هن جهان ۾ ڪروڙين انسان آهن. هزارين ڌرم، ٻوليون، ريتيون رسمون وغيره آهن. پر غريب هر ذات، هر ڌرم، هر ملڪ ۾ آهن. قدرت جو چڪر هڪ ڪرو ئ آهي. هن جهان ۾ ڪي ڪروڙپتي، ڪي لکاپتي، ڪي هزارپتي آهن. سڀ انسان نه امير آهن نه وري غريب آهن، پر هن جهان ۾ غريب ۽ امير ٻئي گڏيل انسان آهن. اسان انسان آهيون. اسان جو فرض آهي ته انسان جي مدد ڪريون. ڇو جو دکي انسان به اسان جي ملڪ جو هڪ انگ آهي. ان جي شيوا ڪري، اسان هن تي ڪو مهرباني يا ٿورو نٿا ڪريون. پر اسان جو فرض آهي ته هن جي هوند سارو اسان شيوا ڪريون، جيئن هن جي زندگي به هن جهان ۾ سکي گذري ۽ پنهنجي زندگيءَ جو سفر به آرام سان پورو ڪري. مون اهڙا به سماج ۾ انسان ڏٺا آهن جي سماج جي مسڪينن کي گپت نموني مدد ڪندا آهن ۽ پنهنجو نالو ظاهر نه ڪندا آهن. هو ائين دان يا مدد ڪندا آهن جو هڪ هٿ جي ٻئي هٿ کي به خبر نه پوي. سچ پچ اهڙا انسان هن دنيا ۾ انسان نه

انسان کي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ گهرجي ته مان ڪير آهيان. اها خودي، پئسي جو نشو، محل بنگلا، عيش عشرت آخر ڪيستائين مون سان گڏ آهن. اهي شيون فاني آهن. جي هڪ ڏينهن انسان کان موڪلائي وينديون. سو اهي سڀ شيون نه ڇا، پر هڪ ڏينهن انسان به هن دنيا مان هلي وينداسين. پوءِ گهمنڊ ڇا جو؟ مستي ڇا جي؟ ظلم ڇا جو؟ وڏائي ڇا جي لاءِ ڪجي؟ سڀ انسان هڪ اپائڻهار جا ٻار آهيون. سڀني سان هڪجهڙو وهنوار ڪرڻ گهرجي. ڪنهن جي به دل کي رنجائڻ نه گهرجي. ڪوشش ڪري سڀني سان سٺو وهنوار ڪرڻ گهرجي، ڇو جو ٻئي جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي سمايل آهي. اهو دل ۾ ھنڊائڻ گهرجي. انهن مان کي راحت ۽ دل کي موج ملندي ۽ زندگيءَ جو سفر سٺو گذرندو. ڏسو مها ساگر ڪيڏو وڏو آهي، جنهن جو ترو به لهڻ مشڪل آهي. مها ساگر به بوند بوند پاڻيءَ جو ٺهيل آهي. سڀني بوندن ملي ڪري مها ساگر ٺاهيو آهي. انسان کي به ملي ڪري هڪ سٺي انسانيت جو پايو ٺاهڻ گهرجي ۽ انسان سڀ هڪ آهيون. سڀني ۾ ايشور جو نور آهي. پوءِ ڪنهن کي گهٽ يا وڌ ڇو سمجهڻ گهرجي. سڀني سان سٺو ڳالهائڻ ۽ وهنوار ڪرڻ گهرجي.

ديش ۾ غريبي گھٽي آهي، ان جو ڪارڻ آهي آدمشماريءَ جي تڪڙي واڌ.

اسانجي ملڪ جي آدمشماري قريبن ٩٠ ڪروڙ آهي، جا دنيا جي سڀني ملڪن ۾ ٻيو نمبر آهي. پهريون نمبر چين جي آهي. اسانجي ديش ۾ آدمشماري وڌڻ ۽ تعليم جو ڦهلاءُ گهٽ هئڻ سبب ديش اندر ڪيترائي اڻپڙهيل آهن. جن کي وقت جو قدر ڇا آهي، اها خبر نه آهي. ٻيو ديش جي يوجنائن جو فائدو اڃا ديشواسين کي نه مليو آهي. ان سبب هت ڪيترن جو وقت اجايو وڃي ٿو. ديش جي وڪاس کي ڌڪ لڳي ٿو. جيڪڏهن هرڪو انسان وقت جو قدر ڪري ۽ ڪونه ڪو ڪم ڪري يا سرڪار هر ڪنهن کي ڪم ڏئي ته ديش اندر غريبيءَ جو نالو به نه رهي ۽ ديش وڪاس ڪري، پر هت اڃا اهڙين انقلاب نه آيو آهي. ديش اندر غريبيءَ جو پوت وڌي رهيو آهي. غريبيءَ سبب ديشواسي غلط رستي، چوريون، خون، ڦريون، سمگلرن، ٻرالون شڪر ۾ گھاڄي وڃن ٿا. غريبيءَ سبب بي قاعدي ڪم ڪن ٿا. ان سبب پنهنجي زندگي ۽ ديش جي زندگي برباد ڪن ٿا. اسان جي ديش ۾ اڄ ڇا آهي. چوطرف بيروزگاري، غريبي، آتنڪوادي، دهشت وادي هوا لڳي رهي آهي. سرڪار به خاموش ٿي تماشو ڏسي رهي آهي. ديش اندر وڌندڙ آدمشماريءَ تمام

پر فرشتا آهن. جي گمنام رهندي انسان ذات جي مدد
ڪري پنهنجو فرض پالي رهيا آهن. ماڻ سماج ۾ اهڙا
به دانوير ڏٺا آهن جو محتاجن ۽ مسڪينن کي مدد
ڪندا آهن، پر پنهنجي مشهوري اخبارن ۽ فوٽن رستي
ڪري، پاڻ کي جڻ اُلهن جو "داتا" ڪري سمجهندا
آهن. دان ڏيڻ سٺو آهي، پر جيڪو پنهنجي واکاڻ پاڻ
ڪرائي ٿو، سو مورک آهي. اهڙا مورک به سماج ۾ ڪم
ڪري رهيا آهن. ڪي وري مطلب سان اڳلي کي مدد
ڪندا آهن، جيئن منهنجا رهيل ڪم پورا ٿين. مطلب
لهِ سنسار ۾ ڪيترن ماڻهن جا دان پيچ هلن ٿا ۽ ڪي
صحي آهن، ڪي غلط آهن. ڪي سماج لئي داغ آهن.
اهي سڀ گڏيل آهن. اهڙي ماڻهوءَ مدد جو چرخو هلي
ٿو. ڪوشش ڪري انسان کي پنهنجي گهرج پاڻ
پوري ڪرڻ گهرجي. ايشور انسان کي سمجهه، وچار
جي شڪتي، ڪم ڪرڻ لاءِ هٿ پير ڏنا آهن، جن
جي مدد سان انسان پنهنجو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو
پالڻ پوشڻ ڪري سگهي ٿو. دنيا جي ٻين ملڪن جي
ڀيٽ ۾ جپان ملڪ ۾ شايد غريب گهٽ آهن. جپاني
سڄا ايماني آهن. اهي اجايو وقت نه وڃائيندا آهن ۽
گهر ۾ ڪاله ڪا ڪرت ڪار ڪندا آهن ۽ پنهنجو
وقت به سڄايو ڪندا آهن ۽ چار پئسا به ڪمائيندا
آهن. دنيا جا ٻيا ملڪ به اُهين ڪندا آهن. پر اسانجي

ڪٽن، جيئن پنهنجي پيٽن لئي ٻڌي سگهي، ۽ نه اهو پين لاءِ آزار پيدا ڪندو. سرڪار جو مکيه ڪم آهي ديش جي هر ناگرڪ کي روزگار ڏيڻ. روزگار ملڻ سان انسان غلط ڪم ڏانهن نه ويندو ۽ ديش اندر گناهه نه ٿيندا ۽ ديش ترقي ڪندو.

دان ائين ڏجي جو هڪ هٿ سان ڏجي ته ٻئي هٿ کي خبر به نه پوي.

اڄ سڄيءَ دنيا ۾ سڀيتا جو راڄ آهي. هر هڪ ملڪ کي پنهنجي سرڪار آهي. پوءِ ڪنهن ملڪ ۾ لوڪشاهي راڄ آهي ته ڪنهن ملڪ ۾ ڪميونسٽ ته ڪنهن ملڪ ۾ فوجي ته ڪنهن ۾ ڊڪٽيٽر ته، ڪنهن ملڪ ۾ راجائي راڄ آهي وغيره. هر ملڪ جي سرڪار جو اهو ارادو هوندو آهي ته ديش جي جنتا سکي رهي ۽ ديش جو وڪاس ٿئي ۽ ترقيءَ جي راهه لئي هلندو هلي. ان لاءِ هر ملڪ جي سرڪار پنهنجو وڌان ٺاهيندي آهي ۽ ان موجب پنهنجي ملڪ اندر ڪاروبار هلائيندي آهي. اسان جي ڀارت ديش جو به وڌان ٺهيل آهي، جو ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر جي

گمڀير مسئلو پيدا ڪيو آهي. جنهن لاءِ سرڪار ۽ جنتا ٻئي ڪنٽرول لاءِ ڪري سگهي. ديش اندر سرڪار جون پنج سالي يوجنائون ۽ اُٿر لٿيون ڪن. ڏينهون ڏينهن غريبيءَ جي ريکا ۽ مهانگائيءَ جي ريکا وڌندي وڃي ٿي. ان تي خونن، ڌاڪن، چورن سمگلرن ۽ دهشت وادين جي ريکا به وڌي رهي آهي. ديش جڻ ته ٻري رهيو آهي ۽ ڪير به هٿ پاڻ کي سلامت نٿو سمجهي. ديش اڄ اهڙيءَ ڪڙيءَ تي اچي پهتو آهي، جنهن جي ڪلپنا ڪنهن به ديشواسيءَ نه سوچي هوندي.

ديش اندر غريبيءَ جو درجو وڏو آهي. جا ديش اندر ۽ لوڪشاهي سرڪار لاءِ داغ آهي. سرڪار ۽ ديشواسين کي جدگي پٽالي تي ديش اندر نوان نوان ڪم کولڻ گهرجن، جيئن هر ڪنهن ديشواسيءَ کي سولائيءَ سان روزگار ملي. ٻيو ديش اندر تعليم جو ڦهلاءُ ۽ جدگي پٽالي تي هٿڻ گهرجي. هر ڪنهن کي لازمي تعليم ڏيڻ گهرجي. جيئن هو ديش جي سمسيا چڱيءَ طرح سمجهي سگهن. سرڪار کي بيروزگارن، يتيمن، غريبن ۽ اپي گهرن کي مهني سر مهني ڀتو ڏيڻ گهرجي، جيئن هو خراب ڪمن ڏانهن نه ڇڪجن. سرڪار سان گڏ ديشواسين جو به فرض آهي ته هو پنهنجي پاڙي، شهر ۽ ڳوٺ ۾ ڪرهل انسان کي مٿي

وغيره. اهي سنستائون پنهنجي جاليءَ جي غريب لوڪن جي ڪلياڻ ۽ وڪاس خاطر هر مهني روڪ ٻا اناج جي سهاِتا ڏين ٿيون. جيڪي غريب انسان ٻه هن مهانگائيءَ جي دؤر ۾ ٻه ويلا روٽي کائي سگهن ۽ پنهنجي اُتيءَ لاءِ ڪم ڪار ٻه ڪري سگهن. اهي سنستائون وڏي پيماني تي ڪم ڪن ٿيون.

اسان سنڌين کي هت پنهنجو راڄيه نه آهي ۽ سنڌي سڄي ديش اندر ٽڪرجي ويا آهن. ڪي مهاراشٽر، گجرات، ايم. پي.، اُتر پرديش، راجستان، تامل ناڊو، دهلي، بهار، اوڙيسا، بينگال وغيره. اُتي جي ڪن ضلعن ۾ سنڌي ڪالونيون آهن، جتي سنڌي داوير پنهنجي اُدار دل سان غريب ڀائرن جي سيوا ڪن ٿا. اسانجي الهاسنگر، ڪوپري ڪالوني ٻستين ۾ ڪيترائي سنڌي ڪٽنب اڃا غريب آهن. ڪي ٻيواهه ۽ ڪي اناٿ آهن. ڪن کي هتان جي جنتا جناردن پريشد جي باليڪارن سوامي شانتي پرڪاش، ديال آشا، مهرپوري جي دواخاني ۾ هر مهني ٽيئي جا داوير سيٺيون ايندا آهن جي غريبن، اناٿن ۽ دکي انسان کي هر مهني روڪ، ڪپڙن ۽ کاڌي جي مدد ڪندا آهن. هن کي اهن ڪارڻ ٻه ناهي ڏنا آهن. جن دواران سنستاوار سيوا ڪندا رهن ٿا. هت ٻيون ٻه داوير سنستائون آهن، سنڌر شيوڪ سڀا، پرمانند ڀنڊار. ڪي

نظرداريءَ هيٺ ٿيو ۽ ٢٦ جنوري ١٩٥٠ کان عمل ۾ آيو. ان کانسواءِ اسان جي ديش اندر لوڪشاهي سرڪار آهي. جنهن ۾ ديش جي پارليامينٽ وڏي آهي، جا وڌان ۾ ڪهڙيون به دستيون ڪري سگهي ٿي. جيئن مرحوم پرڌان منتريءَ پارليامينٽ جي مدد سان راجائي پينشن بند ڪئي ۽ بئنڪن کي راشٽريه ڪرڻ ڪيو. اسان جي ديش جي پارليامينٽ کي اختياري آهي ته ديش جي فائدي لاءِ وڌان ۾ ڪي به دستيون يا نيون ڳالهيون درج ڪري سگهي ٿي.

سرڪار ديش اندر غريبيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ ڪي يوجنائون ٺاهي ٿي، جيئن ته سنجيه گانڌي نراڌار يوجنا ۽ بزرگن لاءِ پينشن جي اسڪيم، جن دوارا سڄي ديش جا غريب فائدو وٺي سگهن ٿا ۽ پنهنجي ذلت جي زندگيءَ کي ڪجهه سڌاري سگهن ٿا. ان کانسواءِ سرڪار جي وزارت ۾ هڪ کاتو آهي ”جنتا ويلفيئر کاتو“ جنهنجو ڪم آهي ديش جي غريبن کي مدد ڪرڻ وغيره. اهڙيون يوجنائون هر ملڪ پنهنجي غريب جنتا لاءِ ٺاهي ٿو، جيئن اهي ماڻهو به هن جهان ۾ پنهنجي زندگي سک سان بسر ڪري سگهن.

سرڪار جي يوجنا کانسواءِ ديش اندر خانگي سنستائون هر جاءِ ۾ آهن. جهڙوڪ سنڌي، مرهٽي، پنجابي، گجراتي، پارسي، مدراسي، يو. پي.، بهاري

جو هڪ هٿ سان ڏجي ٿو، ٻئي هٿ کي اُن جي خبر نه پوي معنيٰ لڪل. لڪل دان ئي سچو دان آهي. اسان غريب انسانن تي احسان نه ڪري رهيا آهيون پر اسان جو فرض آهي ته هن سنسار ۾ غريب انسانن جي مدد ڪريون، پوءِ ڀلي اهو ڪهڙي به جاتيءَ جو هجي.

انسان جي مدد ڪجي پوءِ اهو ڪهڙي به مذهب جو هجي. ڇو جو ايشور جا سڀ ٻچڙا هڪ آهن. اسان ئي هٿئي مذهب ۽ ذاتيون ٺاهيون آهن. ايشور هڪ آهي. ڪي الکي ايشور، ڪي خدا، ڪي ڪرائيسٽ، ڪي ٻيا نالا ڏين ٿا. دان ڏيندڙ کي انسان جي غريبي ۽ مجبوري ڏسي دان ڏيڻ گهرجي ۽ نه اُن جو ڌرم ۽ ذات ڏسي دان ڏيڻ گهرجي.

اهڙو هڪ مثال مهنجي اڳيان آهي. مان هڪ داتار کي ڏٺو ته هن وقت ٻيوسن ۽ غريبن جي شاهي قطار هئي. هي پنهنجي ذات وارن کي روڪ ۽ شيون ڏئي رهيو هو، پر ٻيءَ ذات جي ماڻهن کي ڪو نه ڪو بهانو ڪري واپس موٽائي رهيو هو جا ڳالهه ڏسي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. مون دل ۾ چيو ته هي دان ڏيڻ جي لائق نه آهي. جيڪو، انسان جي ذات ڏسي ٿو ۽ نه ايشور جي آتما ڏسي ٿو، سو دان ڏيندڙ داتي نه آهي پر هڪ اگهائي ۽ پاکنڊي آهي.

انسان سڀ ٻار آهيون ۽ سرو شڪتيوان جا پتلا

دالوڙ رميش آهوجا، پاڻُ پرسرام جهولي لعل وارو. پيا گمنام ڪيترائي سيٺ آهن جي غريبن کي هردم مدد ڪرڻ ۾ پنهنجو هٿ ڏگهيريندا آهن ۽ سماج ۾ چپ چاپ پنهنجو ڪم ڪندا رهندا آهن.

اهي سنسٿائون غريبن جي ڇوڪرين جي شادين ۾ به مدد ڪنديون آهن. گجرات راجيه جي سوامي ليلا شاهه جا پوئلڳه هر سال "ساموهڪ شاديون" ڪرائيندا آهن جن جو سڄو خرچ پاڻ ڪندا آهن. هاڻي الهاسنگر ۾ به سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هر سال ساموهڪ شاديون ڪرائيندا آهن ۽ شادين جو سڄو خرچ جهيتا جماڙن ۽ سوامي جن پاڻ ڪندا آهن. هر سال سوامي برهمداس به شاديون ۽ ساموهڪ جڻيا مفت ڪرائيندا آهن. اهڙي نموني اهي سماج جي مسڪين پريوارن کي مدد ڪندا آهن.

اسانجي شهر ۾ هزارين دالوڙ آهن، پر پنهنجي پنهنجي نموني سماج جي مسڪين طبقن جي سيوا ڪندا آهن، جا سٺي ڳالهه آهي. اهڙي نموني ديش اندر بيون به ڌاليون پنهنجي مسڪين ذاتين کي مدد ڪنديون آهن. ڪي سيٺيون ۽ سنسٿائون غريبن کي دان ڏيئي انجو اجوڳه فائدو وٺندا آهن جا ڳالهه سماج لي داغ آهي.

ڪن گياني پرشن اٿين ڇيو آهي ته دان انهن ڪجهي

شراب وٺندو آهي. معرڪن ۾ خود غرض کي پيسو وٺندو آهي. زندگيءَ ۾ پيسو انسان جي ضروري گهرجن لاءِ ضروري آهي، نه عيش عشرت، ٻئي کي مارڻ ۽ اجائي اميريءَ لاءِ. پر اڄ جي دنيا ۾ گهڻائي اهڙن انسانن جي آهي، جي رات ڏينهن پيسو هٿ ڪرڻ چاهين ٿا. ان لاءِ هي انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي وڃن ٿا. پنهنجي وويڪ جو خون ڪري، ٻين کي ٺڳي، چوريون ڪري، ڪوڙا قصا ٺاهي، ٻي گناهن جو خون ڪري پيسو ٺاهين ٿا.

انسان پيسي هٿ ڪرڻ لاءِ جانورن کان به وڌيڪ پاڳل ٿي پيو آهي. انسان کي ايشور هن جهان ۾ چڱا ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. هن کي وچار ڪرڻ جي شڪتي ۽ سمجهه ڏني آهي. سو هن کي پنهنجي من ۾ جهاتي پائڻ گهرجي ته پيسو وڏو يا انسانيت وڏي. پيسو انسان جي زندگيءَ ۾ اچي وڃي ٿو، پر انسانيت نٿي اچي وڃي. ٻيو ته پيسي سان انسان من جي شانتي نٿو خريد ڪري سگهي. اسان ڏسندا آهيون ته ڪيترائي شاهوڪار انسان ڪيترين بيمارين ۾ جڪڙيل هوندا آهن. هن کي پنهنجي بيشمار دولت مان به مزو نه ايندو آهي. جيئن ڪنهن روڳي جانور کي شڪار نه وٺندو آهي. اها عام چوڻي آهي ته جيءُ خوش ته جهان خوش. انسان جي سچي خوشي انسانيت آهي،

آهيون. ايشور نه ڪنهن کي ڪو ڌرم ۽ ذات ڏني آهي، پر انسان اهي ڪوڙا مذهب ۽ ذاتيون ٺاهي، انسان کي انسان جو دشمن ٺاهيو آهي. جيڪڏهن سڀ انسان ائين سمجهن ته سڀ هڪ آهيون. جڳ نه هڪ ڪٽنب جا ڀاتي آهيون ته هن دنيا ۾ جيڪر غريب جو نالو نشان ئي مٽجي وڃي ۽ سڀ انسان هن جهان ۾ خوش ۽ پرسن رهن. مان هڪ دفعو وري دانوير سيٺين ۽ سماج ڪلياڻ سنستائن کي وينتي ٿو ڪريان ته توهان جو ڪم شاندار آهي. ان جهڙو ڪم هن دنيا ۾ آهي ئي ڪونه. انسان ذات جي سيوا خدا جي ٻندگيءَ کان به وڏي آهي. تواريخ جو مثال ڏسو جڏهن گرو نانڪ صاحب کي پٽس ڪالوءَ ٻاٻا واپار لاءِ پئسا ڏنا ته هن اهي سڀ وڃي غريب سادن کي ورهائي ڏنا ۽ پيءُ کي چيو ته ٻاٻا، ان کان وڏو واپار مان نه ڏٺو. انڪري دان ڏيو پر ڏيکاءُ نه ڪريو. دان وٺندڙن جي ذات پات کي نه ڏسو. پر هنن جي حالت کي ڏسو.

پئسو ۽ انسانيت

هن دنيا ۾ پئسو پنهنجي جڳهه تي آهي ۽ انسانيت پنهنجي جڳهه تي آهي. اڳياڻي انسان پئسي کي وڏي اهميت ڏين ٿا پر گياني پئسي کان وڌيڪ انسانيت کي وڏي اهميت ڏين ٿا. جيئن شرابيءَ کي

۽ ڪيٽن جي رونق لاءِ وڌائي. انسان پنهنجي من ۾ جهاتي پائي ڏسي ته اسانجي زندگيءَ جو مدار ڪهڙي بنياد تي بيٺل آهي. ڏسو ته انسان جي زندگيءَ جو مدار هڪ واريءَ جي پهر تي بيٺل آهي، جو ڪڏهن به ڪري سگهي ٿو ۽ خبر به نه پوندي. هت انسان مسافر آهيون. چار ڏينهن زندگيءَ جا ڪٽي هلي وينداسين. هت ڪنهنجو به هميشه لاءِ مڪان ڪونهي. تواريخ جا اتهاس واري ڏسو ته هن جهان ۾ خود ڀڳوان شري رام، ڪرشن به هميشه لاءِ نه رهيا. راجائون، مهاراجائون به هلندا رهيا. ڪنهنجو به هميشه لاءِ هت مڪان نه آهي. پوءِ انسان ڪي ڪوڙي دولت، پئسي جو ايمان ڇو؟ انسان کي پنهنجي سمجهه، ويچار ۽ همت سان زندگيءَ کي صبر سان هلائڻ جو يتن ڪرڻ گهرجي. ٿي سگهي ته هر حالت ۾ خوش رهجي. ڪڏهن به غم ۾ حد کان وڌيڪ نه اداس ۽ نه خوشيءَ ۾ حد کان وڌيڪ خوش رهجي. هميشه من ۾ اها ست ڌارڻ گهرجي ته "هي به گذري ويندو." انهن چوڻ سان انسان جو من هميشه شانت رهندو ۽ من ۾ خود غرضيءَ جي هوا نه پرچندي.

هن جهان ۾ پئسي کان وڌيڪ انسانيت آهي. سياڻن جو چوڻ آهي ته جو انسان انسانيت جو قدر نٿو ڪري، سو انسان نه جانور آهي. هن جو رنگ روپ

نه ڪ پئسو. پيو نه پئسو سدائين ڪنهن وٽ نه رهندو آهي. ڇو جو گيتا ۾ شري ڪرشن ڀڳوان به چيو آهي ته هن سنسار جو نيم پرورتن آهي. ڪابه شيءِ، پوءِ پئسو ڇو نه هجي، ڪنهن وٽ به هميشه رهي نٿو سگهي. اڄ جا غريب امير ٿي سگهن ٿا. اهڙي نموني امير به غريب ٿي سگهن ٿا. سو انسان کي پئسي لئي ڪڏهن به هالور نه ڪرڻ گهرجي. مون هن کان اڳ پنهنجي ڪتاب "سرڳ ۽ نرڪ" ۾ به لکيو آهي ته سڀ ذهن هڪجهڙا نه آهن.

پئسي سان انسان هن دنيا ۾ ڪيترا ڪم جهڙوڪ پياسن لاءِ پاڻي، بيمارن لاءِ اسپتال، اگيانين لاءِ اسڪول، يتيمن لاءِ مندر، مسافرن لاءِ ڌرمشالائون، بي گهرن لاءِ گهر جوڙائڻ وغيره جا سندر ڪارج ڪري پنهنجو تن سڦارٿو ڪرڻ گهرجي، جنهن سان من کي شانتي ۽ روح کي آنند ملي. جيون جڻ انسان جي سڦلي لئي. پئسو اهو جنهن سان سماج جي لکين ڪروڙين لوڪن جو ڪلياڻ ٿئي. پر جيڪي انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪهڙي به نموني پئسو هٿ ڪري صرف گڏ ڪندا وڃن ٿا ۽ تجوڙين مٿان تجوڙيون ڀريندا وڃن ٿا، انهن جو پئسو ڪهڙي ڪم جو؟ اهو وڻ ڪهڙي ڪم جو جيڪو ڦل ۽ ڇانوَ نه ڏئي. اهڙا ندي ڪهڙي ڪم جي جنهن جو پاڻي پياسن جي پياس

ڊاڪٽر ديال آشا ٻاڻ هڪ وچولي درجي جو انسان
هو، محنت ۽ سائينٽسٽن جي آشيرواد سان وڏي عهدي
تي پهتو آهي. ان هوندي به پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو
حصو غريبن کي مدد، پيڙتن جي شيوا، انسانيت کي
ڏيندو رهيو آهي. منهنجو به اهو رايو آهي ته ڀڳوان
جي بندگيءَ کان گهڻو هيءَ انسان جي خدمت آهي.

خوني انسان

خون ڪندڙ به انسان آهي. جيڪو انسان ٻئي جو
خون ڪري ٿو، تنهن کي خوني سڏيو وڃي ٿو. هن
تي سماج جو، سرڪار جو، ايشور جو داغ لڳي وڃي
ٿو. اهڙو داغ جيڪو ڪڏهن به مٽائي نٿو سگهجي.
جيئن ڪوئلي کي ڪيترو به صابڻ سان صاف ڪيو،
هن جو رنگ نه بدلجندو. اهڙي طرح خونيءَ جو به
داغ نٿو مٽجي.

انسان کي ايشور سمجهه، ويچار ۽ سوچڻ جي
شڪتيءَ سان هن جهان ۾ موڪليو آهي. ان هوندي
به ڪي پاڳل، انسانيت جا دشمن، پئسن، پيار، دشمني
يا ڪنهن لالچ، ڪنهن حادثي جا شڪار، حيوان بڻجي،
انسانيت کي پوري ڦٽي ڪري انسان جو خون ڪن ٿا.
انسان جي ديش اندر اهڙا خونن جا واقعا تمام گهٽ
هئا، جيئن پاڄيءَ ۾ اوڻ. پر جيئن دنيا جي ملڪن

ته. انسان وانگر آهي، پر سمجهه ۽ ويچار جانورن جهڙا
اٿس ۽ انسان لئي داغ آهي. اهڙا انسان هن دنيا ۾
ٻئي کي ڏسي جيئن ٿا ۽ هن کي همت ڪرڻ لاءِ
رات ڏينهن اپاءَ سوچين ٿا. هنن جي زندگيءَ جي
سڀني ۾ نه ٻئي کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي. جڻ ته
ڀڳوان نه ڪونهي. هي وقت اچڻ لئي پنهنجي عزيز
ٻا ياءُ جي خون ڪرڻ ۾ نه ويرم لتا ڪن. اهي انسان
نه آهن، پر دئيت آهن. ظالم ۽ راڪاس آهن. جي هن
مانش چولي ۾ پوڻ وانگر انسانيت کي ناس ڪري
رهيا آهن. جن انسان ۾ انسانيت جو ٻج هوندو آهي
سي ٻئي کان وڌيڪ انسان کي چاهيندا آهن. هو
انسان ذات جي شيوا لڪ چوريءَ ڪندا آهن ۽ ٻاهر
پڌرو نه ڏيندا آهن. مان پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا ماڻهو
ڏٺا آهن جي ويچارا ٻئي ۾ پورا سارا هوندا آهن پر
انسان جي شيوا اهڙي ته سٺي ڪندا آهن جڻ لکا پتي
هجن. سادو هيرانند، سوامي ليلاشاهه، سوامي شانتي
پرڪاش، سادو واسواڻي، سنڌي جاتيءَ جا روشن منار
هئا. ڪي اهڙا به آهن جن پنهنجي سڄي زندگي انسان
ذات جي شيوا ۾ ارپڻ ڪئي آهي. پنهنجي زندگيءَ ۾
ڪشمت رکي سماج کي سک ڏنا آهن. رشي دهارام پاڻ جج
هو لڏهن نه هن غريبن جي شيوا ۾ ڀڳوان کي ڏٺو.
وڏي عهدي ۾ گهمنڊ نه ڪري غريبن جي شيوا ڪئي.

هر ڪنهن کي پنهنجي جان پياري آهي. ٻيو ته پوليس وارا به شاهدن کي تنگ ڪري ٿا. ان سبب ڪري اهي ٻرندڙ باهه ۾ ٽپو ڏيڻ ڪير چاهي. اڄڪلهه پاڻ پاڻ جو ته آهي، پوءِ پوليس ڪنهنجي ٿيندي؟ ٻيو خود شاهدن سان دشمني ڪن ٿا، ان سبب ڪري به ڪنهن جي وچ ۾ ڪو پوي. ان سبب ڏوهاري اڄ مزا ماڻي رهيا آهن. اڄ جو زمانو اهو آهي "جيڪو ڏاڍو سو گابو". ڪمزور جو ڪير به ڪونهي. ٻيو ڪورٽن ۾ پهچڻ ڪنهن کان نٿو پڄي. اڄ جي مهانگائيءَ ۾ هرڪو پنهنجي پيٽ پوڄا ۾ مشغول آهي. سو ٻين جي جهڳڙن کان هرڪو ڪنارو ڪرڻ چاهي ٿو. خود انسان هن جهان ۾ شاهد ٿي به وڃي، پر هن کي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته هو ايشور جي دربار کان هرگز نه ڀڄندو. اُتي هر ڪنهن جو حساب ڪتاب آهي. هن کي پنهنجي ڪم جي سزا ضرور ملڻي آهي. جيڪو انسان ٻئي جو، هوش ۾ يا بيهوشيءَ ۾، لالچ ۾ يا ڪنهن ڳالهه تان ڪنهنجو خون ڪري ٿو، اهو انسان انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي ٿو. هي هڪ جهنگلي جانور ٿي وڃي ٿو. ٻنهي ۾ فرق ڪو رهي. هي هڪ مها پاپ ڪري ٿو، جنهنجو پراشچت هن ڌرتيءَ تي نه آهي. هي ٻين جو خون ڪري ٿو، پر ٻيا جيڪڏهن هن جو يا هن جي عزيز جو خون ڪن ته هن کي خبر

۽ اسان جي ديش ترقي ڪئي آهي، تيئن سڀيءَ دنيا اندر، اسانجي ديش اندر ئي خونن جا واقعا وڌي رهيا آهن. اڄ ديش اندر آتنڪوادين جا خون، گئنگ وار جا خون ۽ راڄنيتڪ خون، قرض لاءِ خون جڻ رواجي ڳالهه ٿي پئي آهي. اڄ جي وقت خون سستو ۽ پاڻي مهانگو ٿي پيو آهي. اڄ ڀاڙي تي خون به ڪرائجن ٿا. هرڪا ڳالهه اڄ پئسي جي زور تي ڪرائي سگهجي ٿي. اڄ ديش اندر هر روز بيگناهه انسان جو خون ٿي رهيو آهي. سرڪار جو گهرو کاتو به خاموشيءَ سان ڏسي رهيو آهي. اسان به ڏسي رهيا آهيون، جو خون جي شاهدي ڏيڻ کان نٽائي رهيا آهيون. ان سبب خون گهٽجڻ بدران وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن سرڪار جو گهرو کاتو ۽ عام جنتا چست ٿئي ته ديش اندر خونن کي بندو اچي وڃي. ڪنهن کي خون ڪرڻ جي جرئت نه رهي. ديش جي عدالت ثبوت تي هلي ٿي. خونين خلاف ڪير شاهدي ڏئي. شاهدي نه هجڻ سبب خوني قانون کان ڇٽي وڃن ٿا. ٻاهر اچي وڌيڪ خون ڪن ٿا. جيئن هڪ دفعو ڪتي کي هڏيءَ جو سواد ايندو آهي ته اهو وڌيڪ شڪار ڪندو آهي. اهڙي نموني خوني هڪ دفعو قانون کان ڇٽي ٿو ته هو وڌيڪ خون ڪري، قانون کي دوکو ڏئي ٿو. اڄڪلهه ڪير به ڪنهنجي شاهدي نٿو ڏئي، ڇو جو

مان، نه ڪنهن گيتن مان. هن کي صرف شراب مان مزو اچي ٿو جو هن کي آهستي پنهنجي منزل (موت) ڏانهن وٺي وڃي ٿو ۽ هن کي ڪتي جو موت ڪري ماري ٿو.

خون ڪرڻ هڪ مها پاپ آهي. جڏهن اڳلي ڪٽنب جي ڪنهن ڀاتيءَ جو خون ٿي وڃي ٿو ته اُن جي ڪٽنب جي حالت ڪهڙي ٿيندي. هن جي ڀاتين مان ڪهڙي دعا نڪرندي. هڪ ڀاتيءَ جي وڃڻ ڪري سڄو ڪٽنب ويچارو ڀوڳي ٿو. ان تي ايشور به ناراض رهي ٿو. ايشور جي اُپايل جيون کي مارڻ مها پاپ آهي. ايشور انسان کي سمجهه، ويچار، سوچڻ جي شڪتي ڏني آهي. ان جو ڪم آهي ته هن سنسار ۾ سڀاڳيءَ سان هلي. ڪنهن جي وس ٿي يا لالچ ۾، برو ڪم نه ڪري. جنهن سان زندگي زهر ٿي پوي. جيڪو انسان ٻئي جو خون ڪري ٿو، سو سمجهه ته پنهنجي آتما جو خون ڪري ٿو، جا سندس جيئري هنجي پلڪي ٿي ۽ هن کي هرهنڌ پريشان ڪرائي. جنهن مان هن جي زندگيءَ جو جس اڪري وڃي ٿو. اهڙي زندگي جيئڻ کان ته موت صد بار بهتر آهي. انسان هت پنهنجو ڪرتوه نڀائڻ آيو آهي ۽ چئن ڏينهن جو مسافر آهي. پوءِ ڇا جي ڪري پاڻ کي رلجائي داغ ڪٽي وڃي ٿو، نه هن جهان ۾ سکي رکي، نه هن جهان ۾ سکي رکي.

پڇجي وڃي ته زندگي ڇا آهي ۽ ڏينهن رات ڪيئن ٿيندو آهي. ٻئي کي مارڻ ۽ هن جهان مان ڪڍڻ انسان جو ڪم نه آهي. انسان ڪنهن انسان کي جيئاري نٿو سگهي، تنهن کي مارڻ جو ڪهڙو اڌڪار آهي.

خونيءَ کي سخت سزا ملڻ گهرجي. سرڪار خونين کي موت، جنم ٽيپ جون سزائون ڏئي ٿي. پر هنن جي سزا موت هئڻ گهرجي. ڪن قانوني ماهرن جو رايو آهي ته خونين کي موت جي سزا ڏيڻ سٺو آهي. جيئن هنن کي خبر پوي ته ٻئي جي جان ڪيئن وٺبي آهي ۽ اڳلي سان دشمنيءَ جو رستو به ٿي پوي ٿو. پر ڪن قانوندانن جو رايو آهي ته انسان کي جنم ٽيپ يا ١٤ سال سزا ڏجي، جيئن هو وري سڌري وڃي ۽ اهڙو ٻيو ڪم نه ڪري.

عدالت خونيءَ کي پنهنجي سزا ڏئي ٿي، پر قدرت جي سزا اڃا هن کي ملڻي آهي. خونيءَ جي من کي ڪڏهن به شانتي نٿي ملي ۽ هن جي آتما پڇڪندي رهي ٿي. جيئن پاڳل انسان گهٽين ۾ پڇڪندو آهي. هو ٻاهران ته انسان نظر اچي ٿو، پر هن جو اندر پنهنجي پاپ سان گهائل رهي ٿو ۽ هر وقت ڏڪ ۾ رهي ٿو. ان سبب هن جي زندگي زهر بڻجي پوي ٿي. هن کي ڪنهن ڳالهه مان مزو نٿو اچي. نه قدرت جي نظارن مان، نه ٻاٽيءَ جي آبشارن مان، نه سنگيت

کي مدد ڪندا آهن. چوڻي آهي تہ ”همٿي مڙدان مددي خدا.“ يعني جيڪو انسان محنت ڪري ٿو، سو هڪ ڏينهن ضرور ڪامياب ٿئي ٿو. هن کي روز محنت ڪرڻ گهرجي. آخر هڪ ڏينهن ڪاميابي هن جا پير چمندي. محنت سان ئي انسان ڏکيا ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهي ٿو. منهنجو بہ اهو خيال آهي تہ محنت ڪنهنجي بہ اجائي نہ ويندي آهي. مان پنهنجو مثال ڏيان ٿو تہ جيڪڏهن محنت ڪري ڪتاب نہ لکان ها تہ ڇا ڪتاب پنهنجو پاڻ لکجي ويندو!!! جي هن کي وڪڻڻ لاءِ بازارين، دوست، چاهڪ نہ ملندا تہ ڇا ڪتاب هلندو؟ هر ڪنهن ڪم جي پٺيان محنت اڪل آهي. جنهنجي مدد سان انسان ڪاميابيءَ کي پهچي ٿو ۽ خوشيءَ کي پراپت ڪري سگهي ٿو. شاگرد ڏسو تہ پنهنجي محنت سان وڏا وڏا امتحان پاس ڪري آفيسريءَ جو درجو حاصل ڪن ٿا. جيڪڏهن اهي محنت نہ ڪن ها تہ اهي ان درجي تي پهچي سگهن ها؟ هرگز نہ.

ڪلاڪار ڏسو. فلمي دنيا جا بہ ڪلاڪار دليپ ڪمار، راجڪپور، ڌرميندر، مينا ڪماري، سائرا، نرگس وغيره. اهي ڪيترو نہ غريب هئا، هنن محنت ڪري پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاري ڪروڙين روپيا ڪمايا. اهڙي نموني دڪاندار، واپاري، مزور، گهوڙوالو

محنتي ماڻهو موج ماڻي ٿو، سست ماڻهو سمهي پوي ٿو

گوتم ٻڌ پنهنجي اُپديش ۾ چيو آهي ته هن دنيا ۾ انسان غريب ۽ امير پنهنجي ڪرمن لئي آهي. ڪن شاعرن به لکيو آهي "لکيو مڃهه ٽراڙ، قلم ڪياڙيءَ نه ڪهي." جيڪو انسان جي نصيب ۾ لکيل هوندو آهي، سو هن کي اوس ملندو آهي. مٿيون اُپديش دل سان لڳندڙ آهي. برابر هن سنسار ۾ ڪروڙين انسان رهن ٿا. انهن مان ڪروڙين امير ۽ ڪروڙين غريب آهن. ڪي چند ماڻهو محلاتن ۾ رهن ٿا پر گهڻا ماڻهو هڪ ننڍيءَ جهوپڙيءَ ۾ رهن ٿا. آهن ٻئي انسان، پر ٻنهي ۾ ڪيڏو نه فرق آهي. جتي هڪ راجا آهي ته ٻيو رنڪ آهي. ڪائي قدرتي شڪتي آهي جا انسان کي برابر هلائي ٿي، ان ۾ ذرو به شڪ ڪونهي. پر انسان پنهنجي ڀاڳ کي پاڻ به ٺاهي سگهي ٿو. ان لاءِ هن کي سچائي، محنت ۽ وشواس جي ضرورت آهي. باقي جي صرف ڀاڳ تي ڀاڙي ويهندو سو وڃتو ئي هوندو. ڇو جو اها چوڻي آهي ته سست ماڻهوءَ کان ڀڳوان به پري ڀڄندو آهي.

ايشور به اُنهن کي مدد ڪندو آهي، جيڪي پاڻ

هن کي بيڪار ڪندي آهي. اهڙي طرح سستي انسان کي جيتري ماري ڇڏيندي آهي. ڏسڻ ۾ اهو انسان ايندو آهي، پر هن جو اندر کاڌل هوندو آهي ۽ بيماريءَ جي هڪ جهٽڪي سان ڪري پوندو آهي. جيئن هوا جي جهٽڪي سان سڪل پن ڪري پوندا آهن.

سست ماڻهو محنت نه ڪرڻ سبب هن جا هڏ سڪي وڃن ٿا ۽ هو ڪنهن به ڪم ڪرڻ کان بيڪار ٿي پوي ٿو. هن جا نوڪر هن جي ان حالت جو فائدو وٺن ٿا ۽ اجايو سجايو خرچ ڪري هن کي برباد ڪن ٿا. هن جي گهر ۾ اشانتي رهي ٿي ۽ نوڪر پڻ جهڳڙالو ٿين ٿا. جي گهر مان به گهر ڪن ٿا. سست ماڻهو ڪيڏو به لکپتي هجي، پر آخر ڪنگال ٿيو پوي، ڇو جو سياڻن جو چوڻ آهي ”کاڌي کوهه به کٽي وڃن.“ سست ماڻهوءَ جي دل گهٽي ٿيندي آهي ۽ باداميون کاوان پر هن کان ڪل پچڻ نه پچندي آهي. سستيءَ سبب ڪيتريون بيماريون هن تي حملو ڪن ٿيون ۽ هن جي نروگي شرير کي روڳي بڻائين ٿيون. ان کانسواءِ هن کي ستي ننڊ به نٿي اچي. رات جو به ڏينهن وانگر ويٺو سوچي ۽ سڄي رات پاسا بدلائي رات ڪٽي ٿو. هن لاءِ وقت به وڏو ٿيو پوي.

هن جهان ۾ سڀ امير سڀ غريب نه آهن، پر ڳنڍيل

جيڪي به محنت کي چنبڙي پون ٿا، سي هڪ ڏينهن
اوج تي رسن ٿا. انسان جو ڪرم، نصيب ۽ محنت،
ٽيئي ملي وڃن ٿا ته انسان کي فرش مان عرش تي کڻي
وڃن ٿا ۽ هن جي زندگيءَ کي مالا مال ڪري ڇڏين ٿا.
انسان کي ايشور دل، دماغ، سمجهه، ويچار ڪرڻ جي
شڪتي ڏني آهي. ان جي مدد سان هو پنهنجي
تقدير ٺاهي سگهي ٿو. ايشور ساٿ ڏنو آهي ته ڪاڏو به
ڏيندو. پر ان لاءِ انسان کي به محنت ڪرڻ گهرجي.
محنت جي پيسي سان هن کي موج ۽ دل کي راحت
اچي ٿي. محنت ڪرڻ سان انسان جو وقت به آرام
سان گذري ٿو ۽ هن کي سٺي ننڊ نصيب ٿئي ٿي،
جنهن سان هن جي صحت به سڌري ٿي. محنتي انسان
هن جهان ۾ به خوش، پر مٿئين جهان ۾ به خوش رهن
ٿا. ٻئي پاسي جيڪي ڪرم ۽ نصيب تي هٿ رکي
ويٺا آهن، سي ويٺا ئي آهن. اهي انسان زندگيءَ جا
ڏينهن اٿين گذارين ٿا، جيئن آسمان ۾ ڪڪر هلن ٿا.
هنن کي خبر ئي نٿي پوي ته زندگي ڇا آهي. سست
ماڻهو پاڻ تي بوجهو ۽ گهر وارن تي، سماج تي ۽ ديش
تي به بوجهو آهي. ڇو جو سستي، ڪنگالپڻو، مفلسي
۽ بيماريءَ کي به پاڻ سان کڻي اچي ٿي، جي آهستي
آهستي انسان جي شرير کي ڪائيندا رهن ٿا. جيئن
ٿڙ ڪاٺ کي ڪائيندي ويندي آهي ۽ هڪ ڏينهن

صاحب راضي" اهڙا چوڻي گرو نانڪ صاحب کي صديون اڳ بيان ڪئي آهي. گوتم ٻڌ، مهاورڏن مهاوير، مهاتما گانڌي ۽ ٻيا به سچ کي چاهيندا هئا. جيڪي انسان سمجهن ٿا ته هي جهان فاني آهي ۽ هت اسان چئن ڏينهن لاءِ مهمان آهيون. زندگيءَ جي ٻيڙي هن مهاساگر مان هلي رهي آهي، خبر نه آهي ته ڪڏهن ٻيڙي پنهنجي منزل (ڪناري) تي پهچي ٿي يا وچ سير ۾ غرق ٿي وڃي ٿي. ان لاءِ ڇو هن منش جنم ۾ پاپ جا ٻار ڪٽندا رهون؟ اهڙا انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ سچ کي وڏي اهميت ڏين ٿا ۽ ان کي پنهنجي من جي اندر قابو ڪري ويهن ٿا. جيئن ماءُ پنهنجي اولاد کي قابو ڪري ويهندي آهي. اڄ دنيا جو رنگ روپ، چال ڍال، سڀيتا، انسان جي انسانيت، مريادا، وقت انوسار بدلجندي رهي ٿي. اڄ جي زماني ۾ سچ تي هلڻ وارا انسان دُرلڀ آهن. باقي ڪوڙن جي بزار گرم ملندي.

اڄ انسان پنهنجون خواهشون ڏينهون ڏينهن وڌائي رهيو آهي. هرڪو انسان چاهي ٿو ته ٻنا محنت جي مان اهڙو ٿيان ۽ سڀ عيش عشرت جا ساڌن موجود هجن. ان لاءِ هي سڀ ليکا لڳهي وڃي ٿو. سچ نه ڇا پر ڇا ڇا پار ڪري وڃي ٿو، جنهن جي کيس به خبر ڪونهي.

آهن. غريبيءَ ۾ به انسان کي گهٻرائڻ نه گهرجي. انسان کي صبر، محنت ۽ سچائيءَ سان ڪو نه ڪو ڪارج ڪرڻ کپي. آهستي آهستي اهڙا انسان غريبيءَ کي ڀڄائي سگهن ٿا. جيئن پهاڙ تي چڙهندڙ آهستي آهستي پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهچي ويندا آهن. تهڙي نموني محنتي انسان آهستي ڪمائي سماج ۾ پنهنجي درجي کي وڌائي سگهي ٿو ۽ غريبيءَ جي درجي کي ڪجهه قدر هٽائي سگهي ٿو. محنت ڪرڻ ۾ انسان کي شرم نه ڪرڻ گهرجي، ڇو جو هر ڪا محنت پنهنجي جڳهه تي آهي. محنت سان انسان ٻين کي وڻندو آهي. محنت واري جو هر هنڌ مان ٿيندو آهي پر سست کان هر ڪو ڀڄندو آهي، مٿان نه گلي پوي. پوءِ ڪٿي سندس ويجها عزيز يا دوست به ڇو نه هجن. سڀ هن کان ڪنارو ڪرڻ چاهيندا آهن. محنت کي اپنايو ۽ پنهنجي زندگيءَ کي سکي بڻايو.

ڪوڙ ۽ سچ

هن جهان ۾ انسان کي ٻه پاسا آهن، ڪوڙ ۽ سچ. جن انسان کي انسانيت جي عزت، ڌرم تي هلڻ ۽ ايشور جو ڀؤ، پنهنجي جيون کي شڌ رکڻ لاءِ اڪير هوندي آهي، سو سچ جو وهنوار ڪندو آهي ۽ زندگيءَ ۾ سچ کي ڪٿي هر هنڌ هلندو آهي. ”سچ تي

نہ سچ تي هل يار، ڀلي ڪو دوست ٺهي يا نہ ٺهي. ڪوڙي دوست جو سنگ هلي يا نہ هلي. سچ ڳالهائڻ سان اڳلي جي من کي صاف روشني ملندي. اَن روشنيءَ ۾ هو پنهنجي ڳالهہ سمجهائي سگهندو. جنهن سان پنهنجو ڏکيو مسئلو بہ حل ٿي سگهندو. سچ جي مهما بيحد آهي جنهنجو ڀارت جي ڏاهوڻائن بہ مان ڪيو آهي. ان جي مهما اپار آهي جنهنجو مان بہ ڪيترو ورڻن ڪريان، سمجهي نٿو سگهان.

انسان جي زندگيءَ ۾ ”سچ“ هڪ مکيہ جڳهہ والاري ٿو. جنهن سان انسان پنهنجو جيون سڌاري سگهي ٿو. سچ اها گنگا ندي آهي، جنهن سان انسان پنهنجي شرير جا پاپ ڌوئي سگهي ٿو. سچو انسان هرهنڌ خوش رهندو آهي ۽ پنهنجي سچائيءَ جي روشني هن جهان ۾ ڦهلائيندو رهندو آهي. ٻئي پاسي ڪوڙو ڏسو. ڪوڙو انسان، ڪجهہ وقت عزت ۽ مان پائيندو آهي ۽ چئن ڇڳن جي اڳيان سرخرو ٿيندو آهي، پر چئن ڏينهن کانپوءِ هن جي حالت بري ٿيندي آهي، جو هرهڪ هن تي لعنت ۽ ڦٽڪار وجهندو آهي. جيئن ”چار ڏنون کي چاندني، ڦر انڌيري رات“. ڪوڙي ماڻهوءَ جي زندگي ان مثال آهي. ڪوڙ انسانيت تي داغ آهي. جو انسان کي ننگي ٿو، سو ٻاهر نہ سگهي نہ رهندو.

مان هڪ دفعي هڪ وڏي سماج جي گهٽگهري وقت ڪنهن ڪم سان ويٺو هوس. مونکي عجب لڳو جو پاڻ کي پڻ اڳيان "ستيه وادي" چوائي رهيو هو. سو به پٺي ماڻهوءَ سان ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو. هنکي به همت ڪونه ٿي جو سچ ڳالهائي. توهان کي به زندگيءَ ۾ ڪي ماڻهو ملندا، جي توهان سان مٺو مٺو ائين ڳالهائيندا، جڻ ته توهان جا پنهنجا آهن. پر اندران ئي اندران توهان کي ناس ڪرڻ جي يوجنا ناهيندا. وقت اچڻ تي توهان تي اهڙو ته حملو ڪندا جو توهان سپني ۾ به نه سوچيو هوندو ته ڪو اهو ماڻهو مهنجو دشمن آهي. اڄڪلهه انسان مان سچ نڪري رهيو آهي، ان سبب انسان ۾ وير ورود، جهيڳڙن ۽ فسادن منهن ڪڍيو آهي، جي انسانيت تي داغ آهن.

انسان ايشور ڪونهي. انسان به ايشور جا هڪ پيدا ڪندڙ آهيون. ايشور جو هڪ انگ آهيون. انسان ڀل جو گهر آهي. ڪوبه انسان پري پُورڻ ڪونهي. هر انسان ۾ ڪي عيب ۽ گهٽتايون آهن، پر ڪن ۾ گهٽ ته ڪن ۾ وڌ. انسان کي سچ سچ چوڻ گهرجي. ڀلي پٺي ماڻهوءَ کي وڻي يا نه وڻي. سچ ڳالهائڻ جي ڪري من ۾ خوشي پيدا ٿيندي ۽ هو آرام سان پنهنجي جيون طئه ڪندو. شاعر سچل صاحب به چوندو هو

ٿيل، هن ڌرتيءَ تي سرڳ ٺاهيو آهي. هن پنھنجي سھنج ۽ عيش عشرت لاءِ هيتِ اهڙيون ڪوجنائون ڪيون آهن، جن سان هو اڄ چنڊ تي به پهچي سگهيو آهي. گهر ويٺي ڪروڙين ميل پري پنھنجي عزيز سان ڳالهائي سگهي ٿو. جڻ ته عزيز هن جي ڀرسان ويٺو آهي. هوائي جهاز جي رستي هڪ ڏينهن ۾ دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ پهچي سگهي ٿو. ڪمپيوٽر وسيلي پنھنجي بدن جي خرابيءَ جو علاج به ڪري سگهي ٿو. مطلب ته انسان قدرت جي جنم ۽ موت کي ڇڏي ٻيون سڀ ڪوجنائون ڪري خود ايشور کي به عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

ٻئي پاسي هن جهان ۾ ڪروڙين بي زبان پسون آهن، جن کي قدرت سمجهه ڏني آهي، پر ڳالهائڻ جي ذات نه ڏني آهي. ان سبب اهي جيڪو، اسان ڪـــي پنھنجو ڏک سک ٻڌائي نٿا سگهن. نه وري اسان هنن کي پنھنجو ڏک سک ٻڌائي سگهون ٿا. قدرت انسان ۽ پسونءَ ۾ اهو هڪ ڀاري انتر رکيو آهي. انسان، ايشور جي هڪ اعليٰ سوغات آهي، سو ان جو ڪرتوبہ آهي ته هنن بي زبان ۽ گگدامن جي سيوا ڪرڻ ۽ هنن کي نه ڏکائڻ. ڇو جو انهن پسن ۾ به ايشور جي آتما سمايل آهي ۽ اهي به ايشور جو هڪ انگ آهن. جن کي ڏنگ ڪرڻ يا مارڻ هڪ مهان پاپ آهي. اهو هڪ

ان کانسواءِ ڪوڙي انسان لئي ايشور جو سراپ ۽ رهندو، جو هڪ ڏينهن ڪيس ضرور ڏنگيندو. ڇو جو اها عام چوڻي آهي ته پاپ ڪڀي پاپي ڪو نهين ڇوڙتا. بعدي پاپي انسان کي هڪ ڏينهن پنهنجن پاپن جو حساب ڪتاب ايشور اڳيان ڏيڻو ٿي پوندو. ڪوڙ ڳالهائي، ٻين کي ٺڳي پئسا ڪمائڻ، محلات ٺهرائڻ، عيش عشرت ڪرڻ وغيره، مان هن کي موج نه ايندي. ڇو جو ڪوڙي انسان جو وواڪ هميشه ڊپ سان ڀريل رهي ٿو، جو ڪيس اٿندي ويهندي ڏنگي ٿو ۽ سندس زندگي جيئڻ جنجال ڪري ٿو ۽ ڪوڙ جو پئسو به جتاءُ نٿو ڪري. هڪ ڏينهن طوفان آڻي برباد ڪري ٿو. انسان کي هن جهان ۾ ٻه شيون ڪوڙ ۽ سچ آهن. هر ڪنهن انسان کي سٺي ڳالهه کي اپنائڻ گهرجي. ان لاءِ سچ جو پاسو وٺڻ ضروري آهي.

گگدامن تي رحم ڪرڻ گهرجي

هن سرشٽيءَ ۾ ايشور، انسان ۽ پسونءَ کي جنم ڏنئي، هن مهان سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي. انسان کي ايشور سڀ شڪتيون، ٻڌڻ، ڏسڻ، سمجهڻ، ڪم ڪرڻ، پڙهڻ ۽ پاڻ کي ٺاهڻ جون سڀ نعمتون بخشيون آهن. انسان هن جهان ۾ ايشور جو اعليٰ پراڻي آهي. انسان پنهنجي سمجهه ۽ محنت سان ايشور جي پيدا

چڱي ڪنڊ ڪٽي ايندو هو ۽ پنهنجي ڪارخاني جي آس پاس ۾ ٻين هنڌ ڪنڊ هاريندو هو. روز ائين ڪندو هو. مان ننڍو هوندو هوس. ان ڳالهه کي پوريءَ طرح نه سمجهي نه سگهندو هوس، پر اڄ ان ڳالهه تي سوچيندو آهيان ته مان صاف سمجهي سگهندو آهيان ته اهو بزرگ هڪ نيڪ دل انسان هو، جو هو گگدامن اندر ٻين ساهوارن ڪولين کي کاڌو ڏيندو هو، جو ڪم هڪ مهان پڃ جو ڪم آهي. ڪنهن به گگدام جي شيوا هڪ مهان پڃ آهي.

اسان جو ڀڳوان شري ڪرشن به ڳائين جي شيوا ڪندو هو. هُن کي جهنگلن ۾ چارو ڪرائيندو هو. جمنا نديءَ ۾ سنان ڪرائيندو هو. پاڻ ڳئو شالا جو ڳند صاف ڪندو هو. هن کي به گگدامن جي شيوا جو قدر هو. خود ڀڳوان ڪرشن هُن جي شيوا ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪيو. اسان عام رواجي انسان کي به اهڙو موقعو هٿ مان نه وڃائڻ گهرجي. انسان کي گوشت، ماس مڇي کائڻ کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي. ٻئي جو ماس صرف جڀ جو ڪوڙو چشڪو آهي ۽ ٻئي جو ماس انسان کي ڪڏهن به طاقت نه ڏيندو، پر اُن کي بيمارين جي سوغات ڏيندو. ٻئي ڀاسي پاپ جو ڀاڱي ڀائيوار به ڪندو. ان ڪري اڄ ئي پرتگيا ڪريو ته اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻئي جو ماس هرگز

اهڙو پاپ آهي، جو ايشور ڪڏهن ڪي به معاف نه ڪندو، پر اُن انسان کي سزا ضرور ڏيندو.

دنيا جا گياني ۽ وڏا وڏا سنت مهاتما سڀ انسان ذات کي اهو سنديش ڏين ٿا ته پنهنجو ماس نه کائڻ گهرجي. ڪنهن به ساهواري کي مارڻ پاپ آهي. انسان کي قدرت سمجهه، ويچار جي شڪتي ڏني آهي. هن جو فرض آهي ته انسان اهو استعمال ڪري پاڻ کي مها پاپ کان بچائي. اڄ کان هزارين ورهيه اڳ ڀارت جا مهان ڪرم يوگي سنت ٻڌ ڀڳوان ۽ وردمان مهاوير به انسان کي هر هنڌ اهو پيغام ڏيندا هئا ته ماس مڇي نه ورتائڻ گهرجي. ان کانسواءِ ڪنهن به جيو کي مارڻ مها پاپ آهي. انسان کي ٿڌي دماغ سان وهي ان ڳالهه تي غور ڪرڻ گهرجي. پوءِ پاڻهي خبر پوندي ته ڳالهه سچي آهي يا ڪوڙي.

هن جهان ۾ ڪيترائي پسون ڳگدام ۽ بي زبان آهن. جيئن ته ڳاليون، مينهون، ٻڪريون، پکي، مڇيون، ڪتا، ٻليون، ڪوليون وغيره.

انسان کي هنن کي نه مارڻ گهرجي. پر انهن جي سيوا ڪرڻ گهرجي. مون کي لنڊن جو هڪ واقعو اڄ به ياد آهي، سو مان توهان جي اڳيان رکان ٿو. اسان جي پاڙي ۾ هڪ ربڙ جو ڪارخانو هوندو هو، اُن جو مالڪ هڪ بزرگ هو. اهو هر روز پنهنجي گهر مان

خواهشن کــي گهٽائبو
سک کــي آڻبو

